روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 22 آگسٽ 2023 ع بمطابق 04 صفر 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 86

سنڌ جي نگران وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس، اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي ۽ گورننس کي بهتر بڻائڻ جو فيصلو

سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ پنهنجي نگران ڪابينا جو تعارفي اجلاس ٿيو

ڪراچي ۾ امن امان کي ڪنٽرول ڪرڻ سميت ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو

عوام جي خدمت ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي پنهنجو ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ سهڪار وارن ايجنڊن کي ترتيب ڏيڻ هو: نگران وڏو وزير

ٻوڏ ڪانپوءِ صوبي ۾ غربت گهٽڻ وڌي وئي آهي تنهنڪري غربت جي خاتمي لاءِ جوڳا قدم کڻڻ جي سخت ضرورت آهي: جسٽس (ر) مقبول باقر

اسان ٻين تي الزام هڻڻ لاءِ نه آيا آهيون، پر عوام جي خدمت ڪندي گورننس کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي مدد ڪنداسين

صوبي ۾ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي ڇو ته هن ملڪ ۾ مختلف عقيدن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ پنهنجي نگران ڪابينا جي تعارفي اجلاس ۾ ڪراچي ۾ امن امان کي ڪنٽرول ڪرڻ سميت ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن ۽ اسٽريٽ ڪرائم جي خاتمي لاءِ سخت قدم کڻڻ جو فيصلو ڪيو ويو اجلاس وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيو جنهن ۾ نگران وزيرن ۾ برگيڊيئر (ر) حارث نواز، يونس ڍاڳا، مبين جمالي، ڊاڪٽر سعد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

رياست اڳتي جڙانوالا جهڙو افسوسناڪ واقعو ٿيڻ نه ڏيندي: نگران وزيراعظم

ذميوارن کي انصاف جي ڪٺهڙي ۾ آڻينداسين ۽ رياست اڳتي اهڙي قسم جا واقعا ٿيڻ نه ڏيندي

اقليتن جي جان ۽ مال تي جيڪڏهن ڪنهن شخص ظلم ڪيو ته ايڪشن وٺنداسين، ملڪ ۾ اهڙي ڪا جاءِ ناهي، جتي عيسائي برادري جو ڪنٽريبيوشن نه هجي

قرآن شريف ۾ الله پاڪ حضرت عيسيٰ ع جو شان بيان ڪيو آهي، بي بي مريم جو شان بيان ڪيو آهي، ان کي تسليم ڪندڙ ٻه طبقا پاڻ ۾ ڪيئن وڙهندا؟ قطعي نه

انتهاپسندي جو ڪنهن مذهب، فرقي يا علائقي سان ڪو واسطو ناهي، اقليتن جي تحفظ جي ذميواري اسان سيني تي آهي

ڪنهن به مذهب جي پيروڪارن جي تحفظ جو تحفظ يقيني بڻايو ويندو: جڙانوالا واقعي جي متاثرن ۾ 20-20 لک رپين جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب سان خطاب

اسلام آباد (م ر) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو آهي ته جڙانوالا واقعي تي ڏاڍو ڏک آهي، اهو واقعو معاشري ۾ موجود هڪ مرض جي نشاندهي ڪري ٿو. جڙانوالا واقعي جي متاثرن ۾ 20-20 لک رپين جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ چيو ته ذميوارن کي انصاف جي ڪٺهڙي ۾ آڻينداسين ۽ رياست اڳتي اهڙي قسم جا واقعا ٿيڻ نه ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جڙانوالا واقعي جي متاثرن ۾ چيڪ ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

صدر پنهنجي سيڪريٽري کي عهدي تان هٽائڻ جي سفارش ڪري ڇڏي

صدر جي سيڪريٽري وقار احمد جي خدمتن جي وڌيڪ ضرورت ناهي: ايوان صدر

خط ۾ وقار احمد جي جاءِ تي 22 هين گريڊ جي آفيسر حميرا احمد کي صدر جي سيڪريٽري مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي

ڪالهه واري بيان کي نظر ۾ رکندي ايوان صدر سيڪريٽري جون خدمتون اسٽيبلشمينٽ ڊويزن کي واپس ڪيون ويون آهن

اسلام آباد (م ر) صدر ڊاڪٽر عارف علوي پنهنجي سيڪريٽري وقار احمد کي عهدي تان هٽائڻ جي سفارش ڪري ڇڏي، ان سلسلي ۾ ايوان صدر طرفان وزيراعظم جي پرنسپل سيڪريٽري ڏانهن خط لکيو ويو آهي. ايوان صدر وزيراعظم جي پرنسپل ڏانهن لکيل خط ۾ چيو آهي ته صدر جي سيڪريٽري وقار احمد جي خدمتن جي وڌيڪ ضرورت ناهي، خط ۾ وقار احمد جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: سنڌ جي نگران وڏي وزير جسٽس (ر) مقبول باقر جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس جو ڏيک

سائفر ڪيس: شاهه محمود قريشي ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي ايف آءِ اي حوالي

ٻه ڏينهن اسپيشل عدالت تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جو چئن ڏينهن جو ريمانڊ منظور ڪري ورتو

سائفر ڪيس ۾ گرفتار تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي پيش ڪيو ويو

آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي واڌو ذميواري دهشتگردي ٽوڙ عدالت کي سونپي وئي

اسلام آباد (م ر) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت قائم ملڪ جي پهرين اسپيشل عدالت سائفر ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي جو چئن ڏينهن جو ريمانڊ منظور ڪري ورتو. آفيشل سيڪريٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي اسپيشل عدالت ۾ آندو پيو وڃي

”عارف علوي کي ايوان صدر نه ڊينٽل ڪلينڪ ۾ هجڻ گهرجي“: حافظ حمدالله

جناب صدر توهان بل واپس موڪلڻ جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو اهو آئيني آهي

ڇا اهو ڪو طريقو آئين جي آرٽيڪل 75 جي پيچڪڙي ناهي؟

اسلام آباد (م ر) جي يو آءِ (ف) جي اڳواڻ حافظ حمدالله چيو آهي ته عارف علوي کي ايوان صدر ۾ نه ڊينٽل ڪلينڪ ۾ هجڻ گهرجي. صدر عارف علوي جي بيان تي ردعمل ڏيندي پي ڊي ايم ترجمان چيو ته جناب صدر توهان بل واپس موڪلڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

نگران حڪومت جو بجلي ورهائيندڙ ڪمپنيون صوبن حوالي ڪرڻ جو فيصلو

بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي صوبن جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جي سمري وفاقي ڪابينا کي موڪلڻ جي منظوري ڏني وئي

وفاقي حڪومت سڄي ملڪ ۾ بجلي جو برابر ٽيرف ختم ڪرڻ، بجلي جي ريٽ ۽ سبسڊي جي ذميواري صوبن کي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو

حيدرآباد ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني سنڌ جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: دستاويز جو متن

اسلام آباد (م ر) نگران وفاقي حڪومت بجلي جي وڪري، ورهاست ۽ ٽيرف جو موجوده نظام ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي صوبن جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جي سمري وفاقي ڪابينا کي موڪلڻ جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل

صمصام بخاري لاهور ۾ جهانگير ترين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي 9 مئي واقعن جي مذمت ڪئي

جهانگير ترين ۽ عليم خان جي قيادت ۾ آءِ پي پي ۾ شامل ٿي رهيو آهيان: صمصام بخاري

جيڪا آڊيو ليڪ ٿي، ان سان منهنجو ڪو واسطو ناهي

لاهور (م ر) تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو صمصام بخاري لاهور ۾ جهانگير ترين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي 9 مئي واقعن جي مذمت ڪئي هن چيو ته جهانگير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

لاهور: تحريڪ انصاف جي اڳوڻي اڳواڻ صمصام بخاري استحڪام پاڪستان پارٽي ۾ شامل ٿيڻ تي جهانگير ترين پارٽي جي جهنڊي کي اوڍائي رهيو آهي

پنجاب جي نگران وڏي وزير ملازمت دوران

لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازمن جي گهرڀاتين لاءِ

خاص پيڪيج جو فيصلو ڪري ورتو

لاهور (م ر) پنجاب جي نگران وڏي وزير ملازمت دوران لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازمن جي گهرڀاتين لاءِ خاص پيڪيج جو فيصلو ڪري ورتو پنجاب جي نگران وڏي وزير محسن نقوي جي صدارت هيٺ ڪابينا جي فنانس اينڊ ڊولپمينٽ بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ملازمت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

ڌيءَ جي قاتل کي ڦاهي ڏياري رهنديس: فاطمه ڦرڙو جي ماءُ

منهنجي ڌيءَ سان وڏو ظلم ٿيو آهي، جوابدار کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي، ڪجهه به ٿي وڃي جوابدار سان ڪو ٺاهه نه ٿيندو

مان ان قاتل پير کي ڪڏهن به نه بخشينديس، ان قاتل کي ڦاهي تي پهچائي ساهه پٽينديس

خيرپور (رپورٽر) مقتول ٻارڙي فاطمه جي ماءُ چيو آهي ته مان ڌيءَ جي قاتل کي ڦاسي تائين پهچائي ساهه پٽينديس، ڪجهه به ٿي وڃي ٺاهه نه ٿيندو، رانيپور جي حويلي ۾ قتل ڪيل فاطمه جي ماءُ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

جڏهن آئين پٽاندڙ قانون ناهيو پيو وڃي ته صدر جو جعلي ضمير جاڳي پيو آهي: خواجا آصف

صدر عارف علوي کي نوٽيفڪيشن جي 2 ڏينهن ڪانپوءِ ياد آيو ته الله کي گواهه بڻائڻ ۽ معافي گهرڻي آهي

بد ديانتي جي به ڪا حد هوندي آهي، سوشل ميڊيا کي گند ڪنهن بڻايو ۽ هڪ سڄي نسل کي تباهه ڪيو؟

پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور ۾ مخالف ڌر خلاف قانون جو غلط استعمال ٿيو ان جي به معافي گهري وڃي

سيالڪوٽ (م ر) ن ليگ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ اڳوڻي وفاقي واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته صدر عارف علوي کي نوٽيفڪيشن جي 2 ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اڳوڻو وفاقي واري وزير خواجا آصف

ڊاڪٽر محمد فخر عالم سنڌ جو 59هون چيف سيڪريٽري بڻجي ويو

ڊاڪٽر محمد فخر عالم چيف سيڪريٽري سنڌ جي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو

ڊاڪٽر فخر عالم عرفان ان کان اڳ وفاقي سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ورڪس ڊويزن جي طور تي ڪم ڪري رهيا هئا

ڪراچي (رپورٽر) ڊاڪٽر محمد فخر عالم عرفان چيف سيڪريٽري سنڌ جي عهدي جو چارج سنڀالي ورتو. سيڪريٽري سروسز غلام علي برهماڻي ۽ سيڪريٽري جنرل ايڊمنسٽريشن محمد علي کوسو چيف سيڪريٽري سنڌ کي بريفنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سوئي سدرن گئس طرفان گئس لوڊشيڊنگ جا وقت مقرر ڪرڻ جي ترديد

شهر ۾ رات کان صبح جي وقت ۾ گئي بند ڪئي ويندي آهي: ترجمان

سوئي سدرن گئس ڪمپني جي نالي سان سوشل ميڊيا تي هڪ نوٽيس گردش ڪري رهيو هو

ڪراچي (م ر) سوئي سدرن گئس طرفان گئس لوڊشيڊنگ جا وقت مقرر ڪرڻ جي ترديد ڪئي وئي آهي، ترجمان جو چوڻ آهي ته شهر ۾ رات کان صبح جي وقت ۾ گئي بند ڪئي ويندي آهي سوئي سدرن گئس ڪمپني جي نالي سان سوشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پارٽي فوج جي ايل او سي تي فائرنگ، هڪ شخص شهيد، 3 عورتون زخمي

ڀارتي فوج ايل او سي جي نڪيال سيڪٽر تي بنا جواز فائرنگ ڪئي

فائرنگ جي نتيجي ۾ 60 ورهين جو نوجوان غياث شهيد ٿي ويو

راولپنڊي (م ر) ڀارتي فوج لائين آف ڪنٽرول (ايل او سي) تي سيز فائر معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. انٽر سروسز پبلڪ رليشنز (آءِ ايس پي آر) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اٽڪ جيل ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ جي سهولتن ۾ واڌ

چيئرمين کي جيل جي دستور کان ٻاهر ماني ملڻ شروع ٿي وئي آهي: ذريعا

صبح سوير بيرڪ مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت پڻ ڏني وئي آهي

اٽڪ (م ر) اٽڪ جيل ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي سهولتن ۾ واڌ ڪئي وئي آهي جيل ذريعن موجب چيئرمين کي جيل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير شاهد اشرف تارڙ اجلاس دوران ڳالهائي رهيو آهي

صدر جي استعيفيٰ نه معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي: تجزيي نگار

بل تي غير قانوني صحيح جو سوال پنهنجي جاءِ تي آهي

صدر به لکت ۾ ثبوت سامهون رکي ته جيئن باقي بل اعتراضن سان واپس ڪيا

اسلام آباد (م ر) تجزيي نگار شاهزيب خانزاده چيو ته ان معاملي تي ملڪ جي صدر پنهنجي ئي اسٽاف تي سنڌس چوڻ نه مڃڻ جو الزام هنيو آهي، ان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

ڪانرڊ ٽربل نئين آمريڪي قونصل جنرل جي حيثيت سان ذميواريون سنڀالي ورتيون

ڪانرڊ ٽربلميڊ ڪان اڳ واشنگٽن ۾ اولهه يورپ ۽ يورپي يونين لاءِ ڪم ڪيو

3 سالن تائين پرڏيهي وزارت جي نائب معاون جي حيثيت سان ڪم ڪيو

آمريڪي قونصل جنرل جي حيثيت سان ذميواريون سنڀاليندڙ ڪانرڊ ٽربل

ڪراچي (م ر) ڪانرڊ ٽربل 21 آگسٽ 2023ع تي ڪراچي ۾ آمريڪي قونصل خاني جي قونصل جنرل طور ذميواريون سنڀالي ورتيون. هُن تازو آمريڪي مشن جي نائب سربراهه ۽ 2020ع کان 2023ع تائين ميڊرڊ، اسپين ۾ ناظم الامور طور خدمتون انجام ڏنيون. ڪانرڊ ٽربلميڊ ڪان اڳ واشنگٽن ۾ اولهه يورپ ۽ يورپي يونين لاءِ 3 سالن تائين پرڏيهي وزارت جي نائب معاون جي حيثيت سان ڪم ڪيو، جڏهن ته هڪ سال تائين فارين سروس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

هزارين رپيا واڌ ڪانپوءِ سون جو اگهه آسمان تي پهچي ويو

ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت ٻه لک 29 هزار 900 رپيا ٿي وئي

10 گرام سون ٻه هزار 658 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 97 هزار 102 رپين جو ٿي ويو

ڪراچي (م ر) ملڪ ۾ سون جي اگهه ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي في تولي سون جي قيمت ۾ هزارين رپيا واڌ ٿي آهي آل پاڪستان جيمز اينڊ جيولرز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

موسميات کاتي ملڪ ۾ وڌيڪ چوماسي برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي

23 کان 27 آگسٽ دوران وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهڻ جو امڪان

22 آگسٽ تي عربي سمنڊ کان چوماسي هوائون ملڪ جي مٿين علائقن ۾ داخل ٿينديون

ڪراچي (م ر) موسميات کاتي ملڪ ۾ وڌيڪ چوماسي برسات جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي، موسميات کاتي موجب 23 کان 27 آگسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايشيا ڪپ: نيپال ڪرڪيٽ ٽيم 23 آگسٽ جي صبح پاڪستان لينڊ ڪندي

نيپال جي ٽيم 24 هين آگسٽ تي ڪراچي ۾ پريڪٽس ميچ کيڏندي: ذريعا

25 آگسٽ تي ٽريننگ سيشن جڏهن ته 26 آگسٽ تي ٻي پريڪٽس ميچ کيڏندي

ملتان (م ر) ايشيا ڪپ لاءِ نيپال ڪرڪيٽ ٽيم 23 هين آگسٽ جي صبح پاڪستان پهچندي، ذريعن موجب، نيپال جي ٽيم 24 هين آگسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

صدر خلاف قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي: مرتضيٰ سولنگي

حڪومت صدر جي آفيس وٽي رڪارڊ تحويل ۾ نٿي وٺي سگهي، اسان اهڙي حرڪت نه ڪنداسين

صدر آفيس ۾ اچي وڃي ته اُن کي قانوني تحفظ حاصل هوندو آهي، صدر اعتراض هڻا ته بلن تي لڳائي واپس اُماڻي ها

صدر جي ٽوئيٽ سان ڪنهن به قسم جو طوفان نه آيو آهي، آئين جو آرٽيڪل 75 اِن معاملي ۾ واضح آهي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) سنڌ سماءَ جي نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي، قانون واري وزير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: سنڌ سماءَ وارو نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

توشه خانه ڪيس: پي

ٽي آءِ چيئرمين جي

اپيلون ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ ۾ توشه خانه ڪيس ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شهريار آفريدي جي گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيڻ جو سنگل بينچ جو فيصلو چيلينج

سنگل بينچ جو فيصلو چيلينج ڪندي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪري ڇڏي

سنگل بينچ جو فيصلو طئي ٿيل قانوني اصولن جي ڀڃڪڙي آهي: درخواست جو متن

فيصلو ٻڌائيندي جڊيشل مائنڊ اپلاءِ نه ڪيو ويو، سنگل بينچ جي ان فيصلي سان انصاف جو مان متاثهون نه پر ختمو ٿيندو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي مئجسٽريٽ ايم پي او جي تحت پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي جي گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيڻ وارو سنگل بينچ جو فيصلو چيلينج ڪري ڇڏيو اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ايم پي او /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي تعارفي اجلاس مان ڇهه سينيئر آفيسر گم

آءِ جي سنڌ رفعت مختار کي پوليس هيڊ آفيس پهچڻ تي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو

ايڊيشنل آءِ جي عمران يعقوب منهاس، مظفر شيخ ۽ فرحت جوڻيجو شريڪ نه ٿيا

سنڌ پوليس ۾ رڳو هڪ آفيسر خادم حسين رند بلوچ نئين آءِ جي رفعت مختار جي گروپ مان آهي

ڪراچي (م ر) آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي تعارفي اجلاس ۾ ڇهه سينيئر آفيسر شريڪ نه ٿيا. آءِ جي سنڌ رفعت مختار کي پوليس هيڊ آفيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي: آءِ جي سنڌ رفعت مختار جي صدارت تعارفي اجلاس ٿي رهيو آهي

وڊيوز وڪرو ڪيون ويون،

اسد شاهه ڊارڪ ويب جو

ميمبر هجڻ جو شڪ

ڪراچي (م ر) فاطما ڦرڙو ڪيس جي پيروي ڪندڙ وڪيلن پارن ڪيترائي انڪشاف ڪيا ويا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ايمان مزاري ۽ علي وزير ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي

اڳوڻي ايم اين اي ۽ انساني حقن جي سرگرم ڪارڪن ۽ وڪيل ايمان مزاري کي دهشتگردي جي قلمن تحت داخل ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

جلسي ۾ ڪا غلط ڳالهه ناهي ٿي، اسان چيو ته اسان پنهنجا مطالبا اسلام آباد تائين پهچائڻ چاهيون ٿا: علي وزير

اڳوڻو ايم اين اي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج کي غلطي سان اسپيڪر چئي ويٺو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ايمان مزاري ۽ علي وزير کي ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو اڳوڻي ايم اين اي ۽ انساني حقن جي سرگرم ڪارڪن ۽ وڪيل ايمان مزاري کي دهشتگردي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي جا گورنر سنڌ ۽ نگران وڏي وزير سان رابطا

رابطي دوران شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس، عام چونڊن جي تيارين ۽ ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي جاچ ۾ اڳڀرائي ٿي رهي آهي: وڏي وزير جي وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي کي آگاهي

گورنر ۽ وڏي وزير نگران وفاقي وزير کي قلمدان سنڀالڻ تي واڌايون به ڏنيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سماءَ واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي گورنر سنڌ ڪامران ٽسوري ۽ نگران وڏي وزير جسٽس رٽائرڊ مقبول باقر سان فون تي رابطو ڪيو آهي رابطي دوران شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس، عام چونڊن جي تيارين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: نگران وفاقي گهرو وزير سرفراز بگٽي سان ڪمانڊينٽ ايف سي معظم جاهه انصاري ملاقات ڪندي

ڊونلڊ ٽرمپ جو

ريپبلڪن جي مباحثن ۾

شرڪت نه ڪرڻ جو اعلان

واشنگٽن (م ر) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ريپبلڪن جي پهرين پرائمري مباحثي ۾ حصو نه وٺڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو پرڏيهي خبررسان اداري موجب، ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي عوامي مقبوليت کي نظر ۾ رکندي هلندڙ هفتي آمريڪي رياست وسڪانسن جي شهر ميلوا ۾ رٿيل ريپبلڪن جي پهرين پرائمري مباحثي ۾ حصو نه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

گورک تي 3 ارب رپين جا رڪارڊ ترقياتي ڪم ٿيا: سردار رفيق احمد جمالي

گذريل 9 سالن دوران گورک هل اٿارٽي کي ٽي ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن

واهي پانڌي کان 18 فوٽ ويڪرو 35 ڪلوميٽر روڊ 1000 ملين رپين جي لاڳت سان ٺهرائي تعمير ڪيو ويو

16 فرنشڊ ڊوپليڪس فيملي ريزورٽس جن ۾ 2 ڪمرا لائونج، ٽيرس ۽ ويو پوائنٽس شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) گورک هلز اٿارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي ايم اين اي سردار رفيق احمد جمالي چيو آهي ته گورک هل اسٽيشن تي ايندڙ سياحن جي تفريح ۽ حفاظت لاءِ بهترين سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم کنيا ويا آهن گورک ۾ ترقياتي ڪمن جا تفصيل ٻڌائيندي سردار رفيق احمد جمالي چيو ته گذريل 9 سالن دوران گورک هل اٿارٽي کي ٽي ارب رپيا جاري ڪيا ويا آهن. جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

صدر کي احساس ٿيو ته ڪجهه غلط ٿي ويو آهي: سعيد غني

28 ڪلاڪن ڪانپوءِ جڏهن صدر کي هوش آيو ته محسوس ٿيو ته ڪجهه ٿيو آهي

عارف علوي ننڊ مان جاڳي پيوءِ چيو ته اهو سندس موقف ناهي، ثابت ٿي ويو آهي ته پي ٽي آءِ انتشار جي سياست کي جنم ڏنو آهي

ٽوئٽ جي ڪا قانوني حيثيت ناهي، هو ٽوئيٽ ڏسي حيران ٿي ويا: ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سعيد غني چيو آهي ته 28 ڪلاڪن ڪانپوءِ جڏهن صدر کي هوش آيو ته محسوس ٿيو ته ڪجهه ٿيو آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته عارف علوي ننڊ مان جاڳي پيو ۽ چيو ته اهو سندس موقف ناهي، ثابت ٿي ويو آهي ته پي ٽي آءِ انتشار جي سياست کي جنم ڏنو آهي ٻئي طرف ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ٽوئٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير جمال شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستاني رپئي جي

پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو

قدر وڌڻ جو سلسلو جاري

ڪراچي (م ر) ملڪ ۾ پاڪستاني رپئي جي پيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو قدر وڌڻ جو سلسلو جاري آهي، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان موجب انٽربئنڪ ۾ اڄ ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر جو اگهه 297 رپيا 13 پئسا آهي. ان کان اڳ ڊالر 295 رپين 78 پئسن تي بند ٿيو هو انٽربئنڪ مارڪيٽ ذريعن موجب نگران حڪومت جي اچڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مانجهند جي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو، ڌرڻو

ايس يو پي جي سڏ تي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن، دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف سوين ڪارڪنن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي

اسپتال ۾ سانئي، مليريا ۽ ٽي بي جي بيمارين جي ٽيسٽن جي سهولت ميسر ناهي، الٽرا سائونڊ ۽ ايڪسري مشينون اڻلڀ آهن: مظاهرين

ميٽرنٽي هوم ٽراما سينٽر اکين جو وارڊ غيرفعال آهي، سموريون سهولتون ميسر ڪيون وڃن بئي صورت ۾ احتجاج وڌايو ويندو

مانجهند(رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند جي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽرن دوائن ۽ بنيادي سهولتن جي شديد کوٽ خلاف ايس يو پي ڪارڪنن جي ريلي علامتي بک هڙتال سياسي سماجي ڌرين جي حمايت، تفصيل موجب مانجهند ۾ ايس يو پي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

مانجهند :ايس يو پي پاران تعلقه اسپتال ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ضلعي ۾ ننڍين وڏن جانورن جي ويڪسين ڪرڻ لاءِ روٽ ميپ پلان تيار ڪيو آهي : ساجد پٽو

نئون ديرو (رپورٽر) خالد لغاري پاران مون تي لڳايل الزام بي بنياد آهن مان انهن الزامن کي رد ڪيان ٿو اهڙن خيالن جو اظهار ڳڙهي خدابخش ڀٽو جي رهواسي ساجد علي عرف عيدن پٽو ميڊيا آفيس نئون ديرو ۾ احتجاج ڪندي ڪيو هن وڌيڪ چيو تہ دادن خان پٽو جو ڪمدار خالد لغاري ڪلهہ ميڊيا ۾ مون تي ڪوڙا الزام لڳايا آهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ملتان واسي ظالم مڙس زال تي تشدد ڪري ٻئي ٽنگون ڀڃي ڇڏيون

تشدد سبب حمل بہ ضايع، علاج کان انڪار تي والدين نياڻي کي وٺي ڪراچي پهتا

سرڪاري اسپتالن ۾ نياڻي جو علاج ڪرايون پيا، وس وارا مدد ڪن: والدين

ڪراچي(رپورٽر)ملتان واسي ظالم مڙس زال تي سخت تشدد ڪري ٻئي ٽنگون ڀڃي ڇڏيون تشدد سبب حمل بہ ضايع تي ريو علاج کان انڪار تي والدين نياڻي کي وٺي ڪراچي پهتا مختلف سرڪاري اسپتالن ۾ نياڻي جو علاج ڪرايون پيا مالي وسيلا گهٽ آهن وس وارا مدد ڪن: والدين ملتان واسي عاصم ولد اعظم ملڪ پنهنجي گهرواري سميرا ملڪ کي سخت تشدد جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

جهڏو: گرلز پرائمري اسڪول مان 2 فيميل ٽيچر بدلي، تعليم سخت متاثر، احتجاج

ڳوٺاڻن ۽ شاگردياڻين علي حيدر لغاري، عائشه، شگفته، نسرين ۽ ٻين گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو

تعليم کاتي اسڪول کي غيرفعال ڄاڻائي اسڪول ۾ مقرر ماستريائڻين کي بدلي ڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

تعليم متاثر ٿي رهي آهي، نوٽيس وٺي اسڪول ۾ ماستريائڻيون مقرر ڪري نياڻين جي تعليم بحال ڪئي وڃي

جهڏو(رپورٽ ممتاز جوڻيجو) جهڏو تعليم کاتي انتظاميا جي نااهلي هلنڊڙ گرلز پرائمري اسڪول مان 2 فيميل ٽيچر بدلي، اسڪول غيرفعال ڄاڻائي پندرهن ڏينهن کان بند، شاگردياڻين جي تعليم سخت متاثر، شاگردياڻين جو اسڪول کولڻ لاءِ احتجاجي مظاهرو تدارڪ جو مطالبو، خبر موجب جهڏو جي يونين ڪائونسل آهوري ۾ گورنمينٽ گرلز پرائمري اسڪول آهوري جي ڳوٺاڻن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

جهڏو : اسڪول مان ٻن ماستريائڻين جي بدلي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل پاران ڪالوني جو دورو، ڪوارٽرن جو جائزو پڻ ورتو

سکر(بيورو رپورٽ) چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سکر سيد اڪبر علي شاهہ معصومي ماتحت آفيسرن اسسٽنٽ انجنيئر اسد شيخ، انچارج انڪروچمنٽ سيد اياز علي شاهہ سان گڏ جي ضلع ڪائونسل آفيسن ۽ ضلع ڪائونسل ڪالوني سکر جو سرپرائيز وزٽ ڪيو ۽ ڪالوني جي ڪوارٽرن جو جائزو پڻ ورتو ان موقعي تي ماتحت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ريلي، ڌرڻو

غازي جهنڊير، مرڪزي صدر قاضي ذوالفقار، سليم جهنڊير، صحافي عبدالله سولنگي ۽ ٻين احتجاجي ريلي ڪڍي

صحافي جان محمد مهر سکر جي مظلوم عوام جو سگهارو آواز بڻجي چڪو هو جيڪو ڪجهہ قوتن کي ناپسند هو : مظاهرين

سکر پوليس جيڪڏهن جان محمد مهر جي ڪيس ۾ ڪردار بهتر نہ بڻايو تہ سخت کان سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

نوشهروفيروز(رپورٽ اسد علي عمراڻي) سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل نوشهروفيروز پاران سکر ۾ شهيد ڪيل صحافي جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سکر پوليس پاران گرفتار نہ ڪرڻ خلاف الله واري چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو لڳل ڌرڻي ۾ سنڌ جرنلسٽس ڪائونسل جي مرڪزي قيادت غازي جهنڊير مرڪزي صدر قاضي ذوالفقار، سليم جهنڊير،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ڪراچي : ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ سيوريج بابت هڪ اعليٰ سطحي اجلاس

شهر جي اهم شاهراهن سميت سڄي شهر ۾ کليل مين هولز کي فوري طور تي ڍڪ ۽ رنگ سليب لڳايا وڃن : سي اي او ڪراچي

سيوريج سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن تہ جيئن شهرين کي بهترين سهولتون فراهم ڪري سگهجن

سهولتون فراهم ڪرڻ ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن جي پهرين ترجيح ۾ شامل آهي، ڪم تي ڪا بہ سودي بازي نہ ڪئي ويندي

ڪراچي(رپورٽر)شهر جي اهم شاهراهن سميت سڄي شهر ۾ کليل مين هولز کي فوري طور تي ڍڪ ۽ رنگ سليب لڳايا وڃن، سيوريج سسٽم کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کنيا وڃن ڇاڪاڻ تہ شهرين کي بهترين سهولتون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

صوفي فقير عبدالله مسڻ جو سالياني 42 هون عرس مبارڪ 6 صفر کان 9 صفر 1445 هجري شروع ٿيندو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) صوفي فقير عبدالله مسڻ جو سالياني 42 هون عرس مبارڪ دستور موجب صوفياڻي طور طريقي سان تاريخ 6 صفر کان 9 صفر 1445هجري، بمطابق 24 آگسٽ کان 27 آگسٽ 2023 بروز خميس جي شام کان آچر ڏينهن تائين درگاه مسڻ شريف ٺٽ ۾ ملهايو پيو وڃي، عرس مبارڪ جو افتتاح درگاه شريف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ڪراچي : انجنيئر سيد صلاح الدين احمد اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دادو ۾ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي صفائي جي بهتري لاءِ ڪائونسلرن جون ڪاميٽيون قائم ڪري ڇڏيون

ميمبر ڪائونسلر سعيد ملاح، ميمبر ڪائونسلر رفيق ميراڻي ۽ ٻين کي شهر ۾ صفائي روزانو جي بنياد تي ڪرائڻ جو پابند بڻايو ويو

چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي پير دانش علي جي هدايتن تي ميٽنگ کان پوءِ عملي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو

هر شهري جو بنيادي مسئلو صفائي آهي ان کي حل ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات پاڻ بيهي صفائي ڪري ڏيکاريندا سين : ميمبر

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي دادو پير دانش علي صفائي جي بهتري لاءِ ڪائونسلرن جون ڪميٽيون قائم ڪري ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾ سينيٽيشن ڪميٽي فوڪل پرسن سيد امير شاهہ، ميمبر ڪائونسلر حبيب الرحمان ڪوريجو، ميمبر ڪائونسلر لياقت علي سومرو، ميمبر ڪائونسلر سعيد احمد ملاح، ميمبر ڪائونسلر رفيق احمد ميراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي ۾ جڙانوالا ۾ مسيح برادري جي عبادتگاهن کي واري واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

شهر جي مسيح برادري ڪرسچن ڪالوني کان شاهجهان چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

مسيح برادري پرامن برادري آهي، جيڪا سمورن مذهبن جو ادب ۽ احترام ڪندڙ آهي، سمورا پاڪ ڪتاب احترام لائق آهن : مظاهرين

واقعي ۾ متاثر ٿيندڙ خاندان بي يارو مددگار بڻيل آهن، جن جي ڪا بہ مالي سهائتا نہ ڪئي وئي آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڏياريو وڃي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ)فيصل آباد پرسان جڙانوالا ۾ مسيح برادري جي عبادتگاهن کي باهيون ڏئي سندن بستي ساڙي رک ڪرڻ واري واقعي جي خلاف ٺٽي جي مسيح برادري پاران ڪرسچن ڪالوني کان شاهجهان چوڪ تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ معصوم ٻارڙا، عورتون ۽ نوجوان شامل هئا جيڪي پلي ڪارڊ، بينر ۽ عبادتگاهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر جي شهيد برڪ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف اڄ احتجاج ڪيو ويندو

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت ضلعي سکر جي رابطا سيڪريٽري سردار پيرزادي شاخ سکر جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل ۽ ٻين هڪ گڏيل بيان ۾ سکر جي شهيد برڪ صحافي جان محمد مهر جي قتل خلاف ڊي آءِ جي سکر جي آفيس اڳيان سکر ريجن جي صحافين ۽ سول سوسائٽي پاران اڳاري ڏينهن (اڄ) /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو: مسيحي برادري پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

نذير عباسي پنهنجي حياتي ڏئي عوام کي انقلابي اتساهہ ڏنو : ساڃاهہ وند

ڌرتيءَ سان ڪيل وچن پورو ڪرڻ خاطر هن ملڪ جي سڀ کان طاقتور ادارن سان ٽڪر کاڌو

سندس ڇڏيل قدمن جي نشان تي هلي حقيقي عوام دوست سرشتو آڻڻ لاءِ جدوجهد جاري رکبي

آمريڪا ۽ پاڪستان جي اشرافيا ملڪ جي پورهيتن ۽ عوام جي حقن وچ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻيل آهن

سکر(بيورو رپورٽ) نذير عباسي پنهنجي حياتي ڏئي عوام کي انقلابي اتساهہ ڏنو، ڌرتيءَ سان ڪيل وچن پورو ڪرڻ خاطر هن ملڪ جي سڀ کان طاقتور ادارن سان ٽڪر کاڌو، سندس ڇڏيل قدمن جي نشان تي هلي حقيقي عوام دوست سرشتو آڻڻ لاءِ جدوجهد جاري رکبي، اهڙو اظهار جاڳرتا فورم سکر جي چيئرمين ڊاڪٽر غلام رسول گهمري مشهور انقلابي اڳواڻ نذير عباسيءَ جي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

نئون ديرو پرسان پنجوديرو ۾ عورت مبينہ گولي لڳڻ سبب فوت

اطلاع تي پوليس پهچي عورت جو لاش ڪڍائي اسپتال پهچايو

واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون تہ واقعو خودڪشي آهي : پوليس

نئون ديرو(رپورٽ شاهہ محمود پٽو)نئون ديرو پرسان پنجوديرو ۾ عورت رشيده زال محمد خان ابڙو مبينہ گولي لڳڻ ڪري فوت ٿي وئي، واقعي جي اطلاع تي نئون ديرو پوليس پهچي عورت جو لاش ڪڍائي نئون ديرو اسپتال پهچايو واقعي بابت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

اوباوڙو ۾ صحافي عبدالقادر ابڙو جي ڀاءِ کان ڦر جي واردات خلاف احتجاج

ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني جي باھ ڀڙڪي اٿي آهي، شهري غير محفوظ بڻيل آهن : مظاهرين

صحافي جي ڀاءِ کان ڦر جي واردات بعد ڪنيڙا پوليس ڪک ڀڃي ويٺو ناهي ڪيو

اوباوڙو(غلام علي رند)اوباوڙو پرسان مريد شاخ ۾ نجي چينل جي رپورٽر عبدالقادر ابڙو جي ڀاءِ کان ڦر جي واردات خلاف صحافي برادري ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جو ڪنيڙا ٿاڻي جي سامهون احتجاج ڪيو احتجاج ۾ شريڪ صحافين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

اوباوڙو :صحافي جي ڀاءِ کان ڦر خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڄاول ۾ سرويچ نگر جا واٽر سپلاءِ ناڪاره بڻيل

رهواسي واٽر سپلاءِ ناڪاره هجڻ ڪري پيئڻ جي پاڻي کان محروم

ڳوٺاڻن پاران پبلڪ هيلٿ انتظاميہ خلاف احتجاج، واهر جي اپيل

سڄاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو)سڄاول پرسان سنڌ جو قومي ۽ انقلابي شاعر سرويچ سڄاولي جي ڳوٺ سرويچ نگر جي نالي سان پيئڻ جو صاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي ۾ بدامني جو آزار، عوام پاڻ کي غير محفوظ سمجهڻ لڳو

ايس ايڇ او ڪنهن بہ ڌوهاري خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي : شهري

هڪ اڌ ڪاروائي ڪانپوءِ ڳرين رشوتن جي عيوض ڌوهارين کي آزادي نصيب ٿيو وڃي

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي شهر جي ٿاڻي تي مقرر موجوده ايس ايڇ او ٺٽو الهڏنو پنهور جي دور ۾ ٺٽي ۾ انتها درجي جي وڌندڙ بدامني چورين ڌاڙن، اسٽريٽ ڪرائم سميت نوجوانن جو اوچتو گم ٿي وڃڻ جي ڪاروائين ۾ خطرناڪ حد تائين اضافو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

شهيد جان محمد مهر جي قتل تي دلي صدمو رسيو آهي : ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي

پريا ڪماري واري معاملي تي لائحہ عمل جو اعلان نٿا ڪيون پوليس کي ڪجهہ مهلت ڏيون ٿا

صحافي جان محمد مهر سنڌ جي مظلوم عوام جو آواز هو، سندس قاتلن کي گرفتار ڪيو وڃي

سکر(رپورٽ : امداد علي ڪلوڙ) جيئي سنڌ قومي محاذ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي، روادر تحريڪ جي اڳواڻ پنهل ساريو، غلام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر: جسقم اڳواڻ ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سنڌ ڌرتي محبت ڪندڙ ۽ ماروئڙن جو ديس رهي آهي : ڊاڪٽر دودو چانڊيو

لائيو اسٽاڪ کاتو مالوند ماڻهن جي خدمت ۽ مدد ڪرڻ تي يقين رکي ٿو : ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ

اسان ضلعي ۾ ننڍين وڏن جانورن جي ويڪسين ڪرڻ لاءِ روٽ ميپ پلان تيار ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر مظفر علي بروهي) لائيو اسٽاڪ کاتي ٽنڊو محمد خان جي ڊپٽي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر دودو چانڊيو پاران ضلع جي چارج سنڀالي ڪم شروع ڪري ڪاتي جي سمورن ڊاڪٽرز ۽ عملي سان هڪ تعارفي گڏجاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

رتوديرو: پريا ڪماري جي اغواءِ ۽ فاطما ڦرڙو جي قتل خلاف احتجاج

مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو نياڻين ۽ معصوم ٻارن سان گڏجي علامتي بک هڙتال ڪئي

واقعا افسوسناڪ آهن پريا سميت سمورا مغوي ٻارڙا بازياب ڪرايا وڃن : شاعر ساقي ابڙو

نئون ديرو(رپورٽ شاهہ محمود پٽو)رتوديرو: پريا ڪماري جي اغواءِ ۽ فاطما ڦرڙو جي قتل خلاف شاعر ساقي ابڙو جو ٻارن سميت احتجاج، تاليواري مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو پنهنجي نياڻين ۽ معصوم ٻارن سان گڏجي علامتي بک هڙتال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نئون ديرو : مزاحمتي شاعر ساقي ابڙو پنهنجي نياڻين ۽ معصوم ٻارن سان گڏجي احتجاج ڪري رهيو آهي

سکر ۾ شمس آباد واسين پاران باٿرن خلاف احتجاج

پاڙي ۾ رهندڙ باٿر بنا جواز مختلف طريقن سان تنگ ڪري رهيا آهن : مظاهرين

باٿرن خلاف لکت ۾ شڪايت ڪئي آهي پر پوليس ڪو بہ تدارڪ ناهي ڪيو

سکر(بيوروريورٽ)سکر شمس آباد واسي غلام محمد بلوچ، محمد علي، دلاور، فراز علي ۽ ٻين برادري جي باٿر ماڻهن خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ٻاهران احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ پاڙي ۾ رهندڙ محمد خان ڳنڍائي، ثابت علي عرف لالو، عرفان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

سنڌ جي ڏکويل ماڻهن سان گڏ آهيان : مالڪ بلوچ

سنڌ ۽ بلوچستان جي پيڙائن مسئلن کي ساڳئي تناظر ۾ ڏسڻ پوندو

سنڌ ۾ اهڙي قسم جا ٿيندڙ واقعن ۾ جاگيرداراڻي سماج جو اثر آهي

ڪراچي (رپورٽر)نيشنل پارٽي جي مرڪزي صدر ،بلوچستان جي سابق وزير اعلا مالڪ بلوچ نيشنل پارٽي جي ڪراچي آفيس ۾ رکيل هڪ گڏجاڻي ۾ سنڌ جي مسئلن تي ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ ۽ بلوچستان جي پيڙائن مسئلن کي ساڳئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو ۾ سيپڪو پاران غير اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف احتجاج

احتجاج دوران هڪ دوڪاندار سخت گرمي جي سٽ نہ سهندي ڪري بيهوش ٿي ويو

فيڊر تي هترادو لوڊشيڊنگ سبب ڪاروبار تباهہ ٿي ويو آهي، واهر ڪئي وڃي : مظاهرين

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ سيپڪو پاران غير اعلانيل لوڊشيڊنگ ڪاروبار ٺپ ڪاروباري مرڪز شاهي بازار کي ايڪسپريس فيڊر ۾ شامل ڪرڻ لاءِ دوڪاندارن واپارين جو انجنيئر آفيس آڏو سخت گرمي ۾ احتجاجي مظاهرو سيپڪو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

دادو : سيپڪو جي زيادتين خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

ٻنون ۾ درسي ڪتاب ۽ ٻيون سهولتون نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

گورنمينٽ هائي اسڪول ۾ درسي ڪتابن جي شديد کوٽ خلاف ڳسٽا پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

اسڪول ۾ ڪتابن جي کوٽ سميت ٻيون ڪافي بنيادي ضرورتن جي شديد کوٽ آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي هاءِ اسڪول جي شاگردن کي جلد درسي ڪتابن سميت ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن

ڏڙو(رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون ۾ ڳستا جي سڏ تي هائي اسڪول جي استادن ۽ سوين شاگردن پاران درسي ڪتاب ۽ اسڪول جي ٻيون سهولتون نہ ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي، فوري طور تي ڪتاب مهيا ڪرڻ جو مطالبو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڏڙو : درسي ڪتاب ۽ اسڪول جي ٻيون سهولتون نہ ملڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪراچي : سماجي اڳواڻ فياض حسين عباسي جي سالگره تقريب ڇيپل سن سٽي ۾ ڪوٺائي وئي

ڪراچي(رپورٽر) سماجي اڳواڻ فياض حسين عباسي جي سالگره تقريب ڇيپل سن سٽي ۾ ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي سماجي شخصيتن شڪيل احمد لوڌي، يار محمد، واصل، اعجاز احمد ڪٽياڻ، قائم الدين اڄڻ آفتاب اڄڻ، شهباز خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ۽ ٻيئا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

فاطمہ ڦرڙو جو واقعو تمام ڏکوئيندڙ آهي : جونيئر ذوالفقار ڀٽو

فاطمہ ڦرڙو جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي

جيڪڏهن انصاف نہ ٿيو تہ اسان ويڙهہ ڪنداسين، وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جو اڳواڻ جونيئر ذوالفقار ڀٽو فاطمہ ڦرڙو جي ٽڏي تي پهچي سندس پيءُ نديم علي ۽ امڙ شبانا ڦرڙو سان تعزيت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو تہ فاطمہ ڦرڙو جو واقعو تمام ڏکوئيندڙ آهي هن وڌيڪ چيو تہ فاطمہ ڦرڙو جي قتل ڪيس ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي جيڪڏهن انصاف نہ ٿيو تہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ماڻهن ۾ شعور اچي چڪو آهي، هاڻي وڏيرن، پيرن ۽ ميرن خلاف آواز اٿاري رهيا آهن : ام رباب چانڊيو

صحافي جان محمد مهر، اصغر ڪنڌ ۽ معصوم نياڻي فاطمہ ڦرڙو جي قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي سخت سزا ڏني وڃي

فاطمہ ڦرڙو ۽ پياري ڪماري سميت ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز اٿاري پيرن ميرن کي جيلن جي سلاخن پويان بيهاري ڇڏيو آهي

قلم ڌڻين کي بيدردي سان سرعام دهشتگردي جو نشانو بڻائي قتل ڪري سندن آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

نوشهرو فيروز/ خانواهڻ (رپورٽ منظور ملڪ/ عاجز امتياز نوح پوٽو) پرياستي حق ۽ انصاف لاءِ مسلسل جدوجهد ڪندڙ سنڌ جائي بهادر نياڻي ام رباب چانڊيو جو پرياستي بائي پاس آيان پمپ پهچڻ تي نوجوانن نعمان وسطڙو، علي حيدر عباسي، نديم منگي، منصور عباسي، رفيق عباسي، آصف سولنگي، بابر سولنگي ۽ ٻين پاران گلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو : پريس ڪلب غلام الله جو جنرل باڊي جو اجلاس صدر عاشق ملاح جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) پريس ڪلب غلام الله جو جنرل باڊي جو اجلاس صدر عاشق ملاح جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ صحافين هادي بخش ملڪاڻي، دولترام ڪوهستاني، پيرل بياسي ملاح، بانوجان هنگورو، اڄي ڪمار متبول، ڪيهو شهزاد ملاح، تاج محمد ڪيهر عبدالستار مير بحر ۽ ادريس ڪٽي شرڪت ڪئي،/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

نوشهروفيروز: ام رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سکر جي يونين ڪاميٽي 5 ۾ صفائي سترائي جي حوالي سان گرينڊ آپريشن شروع

سنڌ سالڊ ويسٽ جي ماڊل جي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شهرين کي بہ سهڪار ڪرڻو پوندو : ميئر ارسلان اسلام شيخ

ڊور ٽو ڊور ويسٽ ڪليڪشن لاءِ شهري پنهنجي چونڊيل نمائندن سان گڏ رابطو ڪري ٽائيمنگ جي چونڊ ڪن

دنيا ۾ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪاميٽيون فعال ڪردار ادا ڪنديون آهن محلي وار ڪاميٽيون جوڙيون وڃن

سکر(رپورٽر) يونين ڪاميٽي 5 ۾ صفائي سترائي جي حوالي سان گرينڊ آپريشن شروع ڪيو ويو، سنڌ سالڊ ويسٽ جي ماڊل جي ڪامياب بڻائڻ لاءِ شهرين کي بہ سهڪار ڪرڻو پوندو ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ تفصيل موجب سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ طرفان هر يوسي جي صفائي جي نظام کي ٽيڪ اوور ڪرڻ جي سلسلي ۾ ميئر سکر بيريسٽر ارسلان اسلام شيخ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

گجو پرسان زمين تي مبينا قبضي جي ڪوشش ۽ بيدخل ڪرڻ واري سازش خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج

ڏني بخش خاصخيلي، محمد بخش بروهي، علي حسن جوکيو، پيارو جوکيو، اڪبر ملاح، معشوق جانوري ۽ ٻين ڳوٺاڻن احتجاج ڪيو

زرعي زمين 109 ايڪڙ کي اسٽيٽ لينڊ قرار ڏئي وفاق حوالي ڪيو پيو وڃي، جيڪا ساڻن وڏي ناانصافي آهي : مظاهرين جون ڏانهون

معاملي جو نوٽيس وٺي جاري ڪيل نوٽيس رد ڪري اسان کي بيدخل ٿيڻ کان بچائڻ سميت زمينن کي پڻ قبضن کان آجو ڪرايو وڃي

گهارو(رپورٽ بشام جوکيو) گجي پرسان ديهہ ٻير جهاڙيون جي مقامي ڳوٺاڻن جي زرعي زمين تي ڪيل مبينا قبضي جي ڪوشش سميت ڳوٺاڻن کي بيدخل ڪرڻ واري سازش خلاف ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻيل، نعريبازي، تحفظ فراهم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سنڌ جي برڪ قلم ڪارن کي ڳولهي ڳولهي مارڻ جو سلسلو هلندڙ آهي : سنڌي ادبي سنگت سکر

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌي ادبي سنگت سکر جي ضلعي رابطا سيڪريٽري سردار پيرزادي شاخ سکر جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل شاخ روهڙي جي سيڪريٽري آغا سجاد زائرسکر سٽي جي سيڪريٽري وحيد انصاري پنوعاقل شاخ جي سيڪريٽري آمر ساحل امداد جسڪاڻي ۽ بيخود بلوچ هڪ گڏيل اخباري بيان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گهارو : گجو واسي ڳوٺاڻا احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپور ۾ معصوم نياڻي فاطمہ ڦرڙو جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سوشل فورم پاران معصوم نياڻي جي قاتلن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ريلي ۾ شرڪاءِ پاران نياڻي فاطمہ سان زيادتي ۽ بي رحم قاتلن جي گرفتاريءَ لاءِ نعريبازي ڪندا رهيا

پيرن معصوم نياڻي سان زيادتي ڪري قتل ڪيو، جوابدارن کي عبرتناڪ سزا ڏني وڃي : مظاهرين

خانپور(عتيق ابڙو) رانيپور جي پيرن جي حويلي مان تشدد ٿيل معصوم نياڻي فاطمہ ڦرڙو جو تشدد ٿيل ۽ جنسي زيادتي جي انڪشاف جي ميڊيڪل رپورٽ اچڻ بعد خانپور سوشل فورم پاران معصوم نياڻي جي قاتلن کي سزا ڏيڻ جي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو تفصيل موجب پيرانِ رانيپور جي درگاه جي پيرن جي حويلي مان 10 ورهين جي معصوم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شهدادڪوٽ ۾ سوشل ورڪر اتحاد جي سڏ تي معصوم نياڻي فاطمہ ڦرڙو جي قتل خلاف احتجاجي ريلي

سوشل ورڪرن عرفان سيلرو، گل پٽي، طارق برڙو، شهري اتحاد صدر وهاب پندراڻي، ايس يو پي اڳواڻ الله داد خشڪ ۽ ٻين احتجاج ڪيو

معصوم فاطمہ سان ظلم ٿيل آهي جنهن کي سخت تشدد بعد زيادتي جو نشانو بڻائي تڙپائي تڙپائي ماريو ويو آهي : مظاهرين

حويلي جي مالڪ اسد شاهہ ۽ ملوث ٻين جوابدارن کي گرفتار ڪري دهشتگردي ايڪٽ تحت ايف آءِ آر داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي

شهدادڪوٽ(شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ سوشل ورڪر اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي، سماجي ڪارڪنن جو رانيپور ۾ سيد جي حويلي ۾ تشدد بعد تڙپي تڙپي فوت معصوم نياڻي فاطمہ ڦرڙو جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي سخت سزا ڏيڻ ۽ فرار جوابدارن جي گرفتاري لاءِ هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي سوشل ورڪرن عرفان سيلرو، گل پٽي، طارق برڙو، شهري اتحاد صدر وهاب پندراڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڊگري ڪاليج خانپور جو قيام شهر واسين ۽ پرپاسي جي عوام لاءِ خوش آئند آهي : احمد بخش پٽو

خانپور(رپورٽ عتيق ابڙو) ڊگري ڪاليج خانپور جو قيام ،شهر واسين ۽ پرپاسي جي عوام لاءِ خوش آئند آهي، ڊگري ڪاليج خانپور ۾ ڊائريڪٽر ڪاليجز لاڙڪاڻو ريجن جي احمد بخش پٽو، ڊگري ڪاليج شڪارپور جي پرنسپال سميت ٻين جي آمد، ڊگري ڪاليج خانپور جي عوام لاءِ تحفو آهي جنهن مان خانپور شهر ۽ پرپاسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شهدادڪوٽ : سوشل ورڪر فورم پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي جي سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران احتجاج جاري

ڪاليج ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو، سخت نعريبازي

ڊگري ڪاليج اندر پيئڻ جو صاف ۽ ٿڌو پاڻي، سولر سسٽم جي سهولت جي اڻهوند سميت ٻيا مسئلا درپيش آهن : مظاهرين

ڪاليج جي انتظاميہ کان سخت پڇاڻو ڪري ڪاليج اندر سهولتون مهيا ڪري شاگردن سان انصاف ڪيو وڃي

لاڙڪاڻو(رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ اسٽوڊنٽس فيڊريشن ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي طرفان ڪاليج ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو، جتي شاگردن هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي سياف ڊگري ڪاليج جي صدر اسد شاهاڻي، نائب صدر صاحب خان، نعمان عباسي، عاطف پٽو، زرڪ شاهاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 22 آگسٽ 2023ع

سادن سان سنمک_ پنئچن سان پورو

حڪمرانن هن ملڪ کي سڄي دنيا ۾ کلڻ هاب ڪري ڇڏيو آهي. روز روز خلق کلائڻ جا نوان نوان موقعا ميسر ڪري رهيا آهن. هر روز ڪا نه ڪا غيرسنجيدگي نئين خبر بڻجي سامهون اچي ٿي ۽ ڀاڻ تان جڳ کلايو وڃي ٿو. اهڙي ئي هڪ خبر آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ترميمي بل 2023ع ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل 2023ع جي حوالي سان پڻ آهي، جنهن جي منظوريءَ جي صدر مملڪت ترديد ڪندي چيو آهي ته، "خدا ڳواهه آهي ته مون آفيشل سيڪريٽ ترميمي بل 2023ع ۽ پاڪستان آرمي ايڪٽ ترميمي بل 2023ع تي صحي ناهي ڪئي. آئون انهن قانونن سان متفق نه هئس. مون عملي کي چيو ته انهن بلن کي بنا صحي جي مقرر وقت اندر واپس موڪلين ته جيئن انهن کي غير موثر بڻائي سگهجي. مون ڪيترائي ڀيرا تصديق ڪئي ته مون کي ٻڌايو ويو ته بل موڪلي ڇڏيا آهن. مون کي اڄ خبر پئي ته منهنجي عملي منهنجي مرضيءَ جي خلاف ڪيو".

جيئن هاٿيءَ جا ڏيکارڻ جا ڏند هڪڙا ۽ کائڻ جا ٻيا هوندا آهن، تيئن ئي هتي جي حڪمراني پڻ رهندي آئي آهي. هن ملڪ ۾ اختيار جا محور ۽ مرڪز هڪڙا آهن ته 'تخت طائوس' تي ويهاريو ٻين کي ويندو آهي. انهن مسند نشين ماڻهن وٽ اقتدار ته هوندو آهي، پر اختيار نه هوندو آهي. انهن کي اها خبر ئي نه هوندي آهي ته سندن اختيار ڪيئن ٻيا استعمال ٿين. ڪير پيو استعمال ڪري! اڳوڻو وزيراعظم عمران خان به اقتدار تان هٽڻ ڪانپوءِ ڪيترائي ڀيرا اهڙو اظهار ڪري چڪو آهي ۽ هاڻي صدر مملڪت جي ٽوئيٽ سان به هڪ نئون پنڊورا باڪس کليو آهي. صدر رياست جو سربراهه ۽ هن ملڪ جو سڀ کان وڏو منصب آهي پر ان جي بيخبري انتهائي حيرت جوڳي آهي. ان مان اهو واضح ٿئي ٿو ته هن ملڪ جو ڪاروهنوار ڪيئن پيو هلي! قانونسازيءَ جي حوالي سان به جڏهن اهڙي غيرذميواري ۽ لاپرواهي ٿيندي هجي ته باقي ٻيا معاملا ڪيئن هلندا هوندا، اهو سمجهڻ ايترو مشڪل نه آهي. قانون ۽ انصاف واري وزارت صدر مملڪت جي ان قدم کي آئين جي روح جي ابتڙ قرار ڏيندي چيو آهي ته، آئين جي آرٽيڪل 75 تحت ڪوبه بل صدر کي موڪليو ويندو آهي ته صدر وٽ ٻه اختيار آهن. يا ته اهو منظوري ڏئي يا مخصوص مشاهدات سان معاملو واپس پارليامينٽ موڪلي ڇڏي. آئين جي آرٽيڪل 75 ۾ ڪو ٽيون آپشن ناهي. صدر ڄاڻي ٻجهي بلن جي منظوريءَ ۾ دير ڪئي. بلن کي بغير مشاهدي يا منظوريءَ جي واپس ڪرڻ جو رستو آئين ۾ ناهي ڏنل.

هن وقت صورتحال اها آهي ته آفيشل سيڪريٽ ترميمي ايڪٽ 2023ع ۽ آرمي ترميمي ايڪٽ 2023ع جا گزيٽ نوٽيفڪيشن به 18هين آگسٽ تي جاري ٿي چڪا آهن. صدر مملڪت ٻن ڏينهن تائين خاموش رهيو، ڇا اها بيخبري هئي يا ڪا مصلحت؟ يا وري "سادن سان سنمڪ_ پنئچن سان پورو" واري روش؟! صدر موجب، ڪيس سندس عملي بيخبر رکيو سوال اهو آهي ته ايوان صدر جو ڪاروهنوار ڪير پيو هلائي؟ ايڏي وڏي غيرذميواريءَ کان صرف هڪ ٽوئيٽ جي ذريعي پاند بچائي نٿو سگهجي. ڄاڻايل بل اعتراض لڳائي 10 ڏينهن واري آئيني مدي اندر واپس نه ڪيا ويا ۽ اهو مدو گذرڻ ڪانپوءِ اهي قانون بڻجي ويا آهن ۽ انهن قانونن سان جيڪي 'متاثر' ٿيندا، ڇا ٽوئيٽر جي ذريعي صدر مملڪت جي انهن کان 'معذرت' سان ڪو تدارڪ ٿي سگهندو؟ ڄاڻايل قانوني بلن سان صدر جي بيخبريءَ واري اظهار کان پوءِ اهي ابهام، شڪ ۽ شبها پيدا ٿي ويا آهن ته عمران خان جي صاحبيءَ ۾ جڏهن صدارتي محل 'آرڊيننس فيڪٽري' بڻيل هو، صدارتي فرمان تيزيءَ ۽ ڪثرت سان پيا جاري ٿيندا هئا، اهي ڪير جاري ڪندو هو؟ گهٽو ٽيو! هاٿي خلق نه ڪلايو. اسان جي حڪمرانن جي اهڙن ئي عملن ۽ 'احسن ڪارڪردگيءَ' جي ڪري ماضيءَ جي هڪ 'مها منتريءَ' جي ريموٽ ڪنٽرول وزيراعظم واري شهرت رهي آهي. دنيا ڇا سوچيندي ته هڪ ائٽمي طاقت ملڪ جي سڀ کان وڏي منصب ڌڻيءَ جا اختيار ان جو ماتحت عملو پيو استعمال ڪري ۽ ان 'قصر شاهي جي مڪين' کي ڪا به خبر ناهي!

سنڌ جو آبپاشيءَ جو نظام ۽ سنڌ واٽر پاليسي

ڊاڪٽر الطاف سيال

سنڌ جي اڳوڻي وزيراعليٰ سيد مراد علي شاهه خميس 3 آگسٽ 2023ع تي هڪ مقامي هوٽل ۾ ٿيل پروگرام تقريب ۾ سنڌ جي پهرين واٽر پاليسي يا پاڻي پاليسي جو افتتاح ڪيو جنهن ۾ عام آبادگار ڪانسواءِ باقي آبادگارن جي نمائندا اڳواڻ، زرعي آفيسرن، اين جي اوز جي نمائندن، پاڻي سان لاڳاپيل انجنيئرن ۽ ماهرن شرڪت ڪئي. ان پاليسي جي منظوري گذريل مهيني جولاءِ جي 22 تاريخ تي سنڌ ڪابينا ڏني. چيو وڃي ٿو ته انگريزن جي حڪومت کان پوءِ اهو آبپاشي جي تاريخ ۾ اهم سنگ ميل آهي. ان کان اڳ سنڌ جو آبپاشي وارو قانون 1879ع ۾ ٺاهيو ويو ۽ وري سنڌ جي ڪُجهه ڪينالن تي 2002ع ۾ ٺاهيل سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس لاڳو ڪيو ويو انگريزي سنڌ جي آبپاشي جو نظام ٻن قانونن هيٺ هلي رهيو آهي. هاڻي اچو ته سنڌ جي پاڻي جي وسيلن کي وڌائڻ، پاڻي ڪوالٽي کي بهتر بڻائڻ ۽ پاڻي جي بهتر استعمال لاءِ ٺاهيل سنڌ واٽر پاليسي جو تنقيدي جائزو وٺون ته ان ۾ اڃان ڪهڙين اسمن جو فقدان آهي ۽ اها سنڌ لاءِ ڪيتري ۽ ڪيئن لاڀائتي ٿيندي.

سنڌ واٽر پاليسي ۾ پهرين تعارفي باب کان سواءِ باقي اٺ باب آهن جنهن ۾ واٽر گورننس، ڪينال ۽ نڪاسي جي انتظام ڪاري، خشڪ علائقن ۾ پاڻي جي انتظام ڪاري، پاڻي تي منحصر ماحولياتي نظام جو انتظام، شهري پاڻي جي فراهمي ۽ صفائي جون خدمتون، ڳوٺاڻن کي پاڻي جي فراهمي ۽ صفائي جون خدمتون، عمل درآمد، رپورٽنگ، ڪوآرڊينيشن ۽ جائزو ۽ صوبن وچ ۾ پاڻي جي ورڇ بابت اهم پاليسيءَ جو مسئلو اهو بهتر هو ته پاليسي دستاويز جي ٽائيٽل پيج تي ڏنل تصويرن ۾ پاڻي جي زراعت لاءِ اهميت کي اجاگر ڪيو وڃي ها. ڇاڪاڻ ته سنڌ جو 95 سيڪڙو پاڻي زراعت لاءِ استعمال ٿئي ٿو پر پيج تي ڏنل چار تصويرون پاڻي جي گهريلو استعمال، ڪينالن ۽ انڊس ڊيلٽا لاءِ اهميت کي نمايان ڪن ٿيون پر فصلن يا زرعي زمين جي تصوير نه ڏني وئي آهي. ان کان علاوه پاليسي ۾ ڪوبه مختصر خلاصو يا تمهيد (ايگزيڪيوٽو سمري) ڏنل نه آهي. تمهيد جي هجڻ سان 60 پيجن جو سڄو دستاويز پڙهڻ بجاءِ هڪ يا ٻن صفحن مان پاليسي جي بابت ٿلهي ليکي ڄاڻ ملي وڃي ها.

هن پاليسي ۾ سنڌ جي آبپاشي واري کاتي ۽ سيڊا کي ملائي ڪري هڪ نئين کاتي ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز ڏنل آهي، جنهن کي "سنڌ جي آبي وسيلن جي انتظام وارو کاتو" ڪوٺيو ويو آهي، جنهن ۾ ڇهه ڊائريڪٽوريٽ تجويز ڪيل آهن، جن ۾ 1. ڪينال ڪمانڊ ۽ خشڪ علائقن جي سڌارن واري ڊائريڪٽوريٽ. 2. زير زمين پاڻي، نڪاسي آب ۽ پاڻيءَ جي معيار واري ڊائريڪٽوريٽ. 3. ڊيم، ڍنڍون ڊيلٽا ۽ ويٽ لينڊ واري ڊائريڪٽوريٽ. 4. پاڻيءَ جي ورڇ، تڪرار جو حل ۽ بين الصوبائي پاڻيءَ جي مسئلن جي ڊائريڪٽوريٽ. 5. فلڊ مڪينزم، منصوبابندي، انتظام ۽ درياءَ جي انتظام جي ڊائريڪٽوريٽ. 6. آبپاشي واري پاڻي جي ورڇ ۽ انفرااسٽرڪچر ڊولپمينٽ واري ڊائريڪٽوريٽ. جڏهن ته سيڊا کي "سڌارن واري ڊائريڪٽوريٽ" ۾ تبديل ڪري ان جو اختيار جو دائرو سڀني ڪينالن تائين وڌائڻ جي سفارش ٿيل آهي.

سنڌ ۾ پاڻي جي آبي وسيلن جي انتظام تي نظر رکڻ لاءِ 16 ڄڻن تي مشتمل "سنڌ جي پاڻي جي وسيلن واري ڪائونسل" ٺاهي وئي آهي. جنهن جو چيئرپرسن وزيراعليٰ سنڌ ۽ آبپاشي وارو وزير ڪو چيئرمين آهن. ان کان علاوه زراعت، فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ ۽ ماحول، موسمي تبديلي ۽ ڪوسٽل ڊولپمينٽ جا وزير، چيف سيڪريٽري، چيئرمين پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ بورڊ، اريگيشن، زراعت، لوڪل گورنمينٽ، فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ، ٻيلي ۽ صنعتن واري کاتن جا سيڪريٽري، چيمبر آف انڊسٽري جو چيئرمين ان جا ميمبر هوندا. ان کان علاوه ٻه پاڻي ماهر تعليمي ادارن مان ۽ هڪ گڏيل ميمبر ٻه ان ڪائونسل تي ڪنيو ويندو هن سنڌ جي پاڻي جي وسيلن واري ڪائونسل جي سيڪريٽريٽ طور سنڌ جي آبي وسيلن جي انتظام وارو ڪاتو ڪم ڪندو. وڏي ڳالهه اها آهي ته هن ڪائونسل ۾ صنعتن کي ته نمائندگي ڏني وئي آهي پر پاڻي جو 95 سيڪڙو استعمال ڪندڙ آبادگارن جي ڪابه نمائندگي ڪونهي. ان کان علاوه ڪائونسل ۾ عورتن کي به نظرانداز ڪيو ويو آهي. سنڌ واٽر پاليسيءَ تي عمل درآمد ڪرائڻ لاءِ چيئرمين پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ بورڊ جي اڳواڻيءَ ۾ 13 ڄڻن تي ٻڌل هڪ ڪميٽي تجويز ڪيل آهي، جنهن ۾ مختلف کاتن جي سيڪريٽرين کان علاوه ڊي جي پي ڊي ايم اي (PDMA)، ٻه پاڻي جا ماهر ۽ هڪ گڏيل ميمبر شامل آهن. هن ڪميٽي ۾ به هارين جي نمائندگي کي مڪمل نظرانداز ڪيو ويو آهي. پيو ته ڪميٽي ۾ تعليم جي سيڪريٽري کي شامل ڪرڻ پنهنجي سمجهه کان ٻاهر آهي.

جيڪڏهن پاليسيءَ جو مجموعي طرح جائزو وٺبو ته خبر پوندي ته پاليسي ۾ ڪافي گرامر جون غلطيون آهن. ڪجهه جملن جي ته معنيٰ ئي ڪانه ٿي نڪري. ان ۾ غير رسمي انگريزي ٻولي (Slang Language)استعمال ڪئي وئي آهي. ساڳين جملن جي ورجاءُ به عام ٿيل آهي. ڪافي هنڌن تي ٽائپنگ جون غلطيون آهن. مثال طور پيج نمبر 2 تي سال 19_2018ع بجاءِ 29_2018ع لکجي ويو آهي. جڏهن ته ڪمند جنهن کي انگريزي ۾ Sugarcane چئبو آهي پر پاليسي دستاويز ۾ اهو هڪ لفظ کي جدا ڪري Sugar caneلکيو ويو آهي. پاليسي دستاويز کي پڙهڻ سان ائين محسوس ٿئي ٿو ته آخري باب کان سواءِ باقي بابن کي لکڻ کان پوءِ چڱي طرح سان پڙهيو نه ويو آهي يا دستاويز جي پروف ريڊنگ نه ڪئي وئي آهي. سنڌ جي ڪچي وارو علائقو سنڌ جي ڪل ايراضي جو لڳ ڀڳ 5 سيڪڙو آهي ۽ اتي لکين ايڪڙن تي زراعت ٿئي ٿي پر پاليسي ۾ انهيءَ علائقي ۾ پاڻي جي استعمال، بچاءَ ۽ ترقي کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. البته هڪ سٺي ڳالهه اها آهي ته پاليسي ۾ سنڌ جي خشڪ علائقن جهڙوڪ ٿر، ڪوهستان، ڪاڇو وغيره ۾ پاڻي جي دستيابي ۽ بچاءَ تي پڻ ڌيان ڏنو ويو آهي. ان کان علاوه پاليسي ۾ انڊس ڊيلٽا تي به خاص ڌيان ڏنو ويو آهي. ان سان سنڌ جي خشڪ علائقن ۽ انڊس ڊيلٽا ۾ ترقي ٿيندي.

پاليسي دستاويز ۾ ڪجهه حقيقتن کي غلط يا ٽوڙي موڙي پيش ڪيو ويو آهي. مثال طور، منڇر ڍنڍ کي ايشيا جي وڏي ۾ وڏي تازي پاڻي جي ڍنڍ لکيو ويو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته منڇر پاڪستان جي تازي پاڻي جي وڏي ۾ وڏي ڍنڍ آهي پر ايشيا ۾ ان جو نمبر پلٽي آهي. پاليسي ۾ لکيو ويو آهي ته 1991ع واري بين الصوبائي پاڻي جي معاهدي ۾ انڊس ڊيلٽا لاءِ 10 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي مختص ڪيل آهي. جيڪا ڳالهه صحيح ڪانهي. حقيقت ۾ ان معاهدي ۾ انڊس ڊيلٽا لاءِ پاڻي جي اهميت مڃي وئي آهي پر گهربل مقدار جو اندازو ڪرڻ لاءِ ماهرن جي ڪميٽي وسيلي اڀياس جي سفارش ٿيل آهي. اڳتي هلي سن 2005ع ۾ بين الاقوامي ماهرن جي ٽيم فيصلو ڏنو ته انڊس ڊيلٽا جي بقا لاءِ روزانو 5000 ڪيوسڪ پاڻي وهندو رهي ۽ ان کان علاوه پنجن سالن ۾ 25 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي به ڊيلٽا لاءِ ڇڏيو وڃي. ان حساب سان ساليانو سراسري طور 8.6 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ماحولياتي وهڪري طور لازمي قرار ڏنو ويو

پاليسي ۾ چيو ويو آهي ته سنڌ جي زمينن ۾ دريائي ۽ جر واري پاڻيءَ وسيلي 21.3 ملين ٽن لوڻ داخل ٿئي ٿو پر ان جو ڪو به حوالو نه ڏنو ويو آهي ته اهو ڪاٿو ڪيئن لڳايو ويو دستاويز ۾ هڪ جڳهه تي لکيل آهي ته. سنڌ جي ڪُل ايراضيءَ جي 28 سيڪڙو ۾ جر جو پاڻي مِٺو آهي. جڏهن ته ٻئي هنڌ اهو 20 سيڪڙو لکيل آهي.

واٽر پاليسيءَ ۾ نامناسب لفظن جو استعمال ڪيو ويو آهي. مثال طور سنڌ جي اولهندي پاسي ڪيرٿر جبلن جي قطار آهي ۽ جڳهه (Location)جي بنياد تي ان کي ڪاڇي ۽ ڪوهستان ۾ ورهايو ويو آهي پر پاليسي دستاويز ۾ ڪوهستان ۽ ڪيرٿر جابلو پٽي کي الڳ ڪري لکيو ويو آهي. واٽر پاليسي ۾ بيراجي علائقن کي سنڌ ڪينال ڪمانڊ ايريا چوڻ بجاءِ سنڌ ۾ انڊس بيسن ڪينال ڪمانڊ ڪوٺيو ويو آهي. انڊس بيسن لفظ پڙهڻ سان ذهن ۾ پاڪستان، انڊيا، چين ۽ افغانستان اچيو وڃي پر پوءِ وڃي سمجهه ۾ اچي ٿو ته هتي سنڌ جي ڳالهه آهي. بهتر آهي ته مناسب لفظ استعمال ڪيا وڃن. هڪ عجيب ۽ غريب ڳالهه ٻڌائي وئي آهي ته، سنڌ جي ڪينالن ۾ 65 سيڪڙو پاڻي بخار ٿي ضايع ٿئي ٿو اها دعويٰ منهنجي لاءِ انڪشاف کان گهٽ نه آهي. جيڪڏهن اها ڳالهه صحيح آهي ته، پوءِ ڪينال ۽ واٽر ڪورس پڪا ڪرڻ بجاءِ اهي ڍڪيا وڃن ته جيئن پاڻي بخار ٿي ضايع ٿيڻ کان بچائي سگهجي. ٻڌايو ويو آهي ته، اولهه ۾ ڪوهستان، ڏکڻ ۾ نارا ۽ ٿر بيابان سنڌ صوبي جو 60 سيڪڙو آهن. جيڪو پڻ غلط آهي. اُنهن جو سنڌ جي ايراضيءَ ۾ حصو لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو ٿئي ٿو پاليسيءَ ۾ هڪ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته لاڙڪاڻي شهر جو گندو پاڻي رائيس ڪينال ۾ اُڇليو وڃي ٿو جيڪو هيٺانهين پاسي نصيرآباد ۽ جوهي تعلقن ۾ استعمال ٿئي ٿو جڏهن رائيس ڪينال جو پاڻي جوهي تعلقي ۾ وڃي ئي ڪونه ٿو ته اهو استعمال وري ڪيئن ٿيندو. البته رائيس ڪينال جو پاڻي ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه ۾ استعمال ٿئي ٿو

ٿرجي ۾ پوکي بابت لکيل حصي ۾ چيو ويو آهي ته اسان کي 2010ع واري ٻوڏ ۽ 2005ع واري زلزلي مان سبق سکڻ گهرجي. منهنجي اندازي مطابق ته سنڌ ۾ قابل ذڪر زلزلي جا اثر سن 2001ع ۾ انڊين گجرات ۾ آيل زلزلي جي ڪري ٿيا هئا. پيو ته 2010ع واري ٻوڏ دريائي ٻوڏ هئي، ان جا سبق ٿر تي ڪيئن استعمال ڪبا، سمجهه کان ٻاهر آهي. بلوچستان جي 22 سيڪڙو ايراضيءَ ۾ پونڊڙ برسات جو پاڻي سنڌ ڏانهن رُخ ڪري ٿو ۽ سنڌونديءَ جي ساڄي پاسي واري علائقي تي اثر انداز ٿئي ٿو ان جو مثال گذريل سال چوماسيءَ دوران بلوچستان ۾ پونڊڙ غير معمولي برسات آهي، برسات جي پاڻيءَ سنڌ ۾ وهي اچي ڪري خيرپور ناٿن شاهه ۽ ٻين ڪافي وسندين کي ٻوڙي ڇڏيو هو پر بلوچستان مان ايندڙ پاڻيءَ جي محفوظ نيڪال ۽ فائديمند استعمال بابت پاليسي دستاويز خاموش آهي. عام طور پاليسين ٺهڻ ڪانپوءِ ان تي عمل ڪرڻ جا پلان جُڙندا آهن. جيئن ته هاڻي اريگيشن ڊپارٽمينٽ کي سنڌ جي آبي وسيلن جي انتظام واري کاتي ۾ تبديل ڪيو ويندو جيڪو ڪينال ڪمانڊ ۽ خشڪ علائقن، زير زمين پاڻي، نڪاسي آب ۽ معيار، ڊيم، ڍنڍون، ڊيلٽا ۽ ويٽ، پاڻي جي ورڇ، تڪرار ۽ بين الصوبائي پاڻيءَ جي، ٻوڏ ۽ درياءَ جي انتظام ۽ آبپاشيءَ واري پاڻيءَ جي ورڇ تي نظر رکي انهن کي ترقي وٺرائيندو يعني هاڻي هي ڪاتو هڪ گهڻ رخي ڪاتي ۾ تبديل ٿي ويندو ان لاءِ ضروري آهي ته. ان ۾ سول انجنيئرنگ سان گڏ زرعي انجنيئرنگ، زراعت ۽ سوشل سائينسز جا ماهر به ڀرتي ڪيا وڃن

وَڏي جَنِ وِڏياسِ، وَري ويڄَ ٿِي سي ٿِيا؛
تُرتُ ٻَڌائُون پَٽِيُون، روزِ ڪيائُون راسِ؛
هِينئڙا! تنِين پاسِ، گهارِ ته گهايَلُ نه ٿِئين.

وطن سان ويساهه گهاتيون

عزيزه حنا عباسي

خوش حال سنڌ، جي بدحال ماڻهن کي هاڻي ته همت ڪري سنڌ سان ويساهه گهاتي ڪندڙن کان ووٽن وٺڻ کان پهرين ڪجهه سوال ڪرڻ گهرجن ۽ پڇيو وڃي ته توهان سنڌ جو ڇا حال ڪيو آهي، انهن کان پڇيو وڃي ته خوش حال سنڌ جا ماڻهو بد حال ڇو آهن، ڇو سنڌ صوبي جا ماڻهو پنهنجي ئي ڌرتيءَ تي نندڙڪا ٿيل آهن لاوارثن جيان ڌارين هٿان ڪتجي رهيا آهن، ڇو پيرن ،وڏيرن کي ايتري آزادي ڏني وئي آهي جو معصوم ٻچن ۽ ماڻهن کي مارڻ جيارڻ جو ڪم به آزاديءَ سان ڪري رهيا آهن، ڪير به هنن کان پڇڻ وارو ناهي، هڪ پاسي سنڌ سان اها ويڌن ٿي رهي آهي ۽ ٻئي پاسي صوبي مان نڪرندڙ تيل، گئس، ڪوئلي جي ڪمائي ڪيڏانهن وڃي رهي آهي، جنهن صوبي مان تيل نڪري ٿو اتي جا ماڻهو ڪاٺيون ڇو ٿا ٻارين، انهن کي گئس ڇو نٿي ڏني وڃي، سنڌو درياءَ جو پاڻي سنڌ لاءِ ڇو نه آهي، سنڌ جا ماڻهو، بک، اڃ ،بيروزگاري سبب خودڪشيون ڇو ڪري رهيا آهن، ٿر هن جديد دور ۾ به ڏڪاريل، بکايل ڇو آهي، جتان ڪارو سون نڪري پيو اتي جا معصوم ٻچا بکن ۾ ڇو زندگيءَ کان پري وڃي رهيا آهن، ڇو سنڌ جي سونهن ڪارونجهر جبل کي به نيلام پيو ڪيو وڃي ،سنڌ جون زمينون تين وال ڪري غير سنڌين کي ڇو ورهائي ڏنيون ويون آهن. سنڌ جي شهرن تي ڌاريا قابض ڇو آهن ،افغانين ،باجوڙين جي لوڏ ڇو ڪير روڪڻ وارو ناهي، ڇو سنڌ صوبي مان سينيٽر، ايم، پي، اي، ايم اين اي، جو سيٽون ڌارين غير سنڌين کي ڏنيون وينديون آهن، ڇا سنڌ جا ماڻهو اهل ڪونهي؟ سواءِ وڏيرن ۽ جاگيردارن کان، ڇو سنڌ جي تعليم ،صحت تباهه آهي، ڇو سنڌ جي ادارن ۾ سنڌين کي نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن. ۽ اهڙا انيڪ سوال ڪرڻ گهرجن، ته سنڌ جا روڊ رستا باغ، باغيچا، وستيون واهڻ، ٻنيون ٻارا برباد آهن ،سنڌ ۾ قبيلائي جهيڙن کي هٿي ڏيڻ وارن کي ڇو کلي ڇوٽ ڏني وئي آهي ڇو سنڌ ۾ معصوم گلن کي وحشت جو نشانو بنائي مرجهايو ٿو وڃي، جنهن جو تازو مثال رانيپور ۾ ننڍڙي فاطمه جو آهي جنهن کي هڪ پير پاران وحشت جو نشانو بنائي ماريو ويو آهي، ڇو سنڌ جي مادر علمين ۾ ڇوڪرين کي قتل ڪري خودڪشين جو رنگ ڏيئي ملزمن کي بچايو ٿو وڃيءَ ۽ نيائين جي اعلي تعليم جا رستا بند ڪيا ٿا وڃن، اهو سڀ وفاق ته نٿو ڪري سگهي جيستائين صوبائي حڪومتون ان جو ساٿ نه ڏين، ڇو اوهان اڃان به سنڌ جي شعور کي بيوقوف ٿا سمجهو، ان کي دٻائڻ هيسائڻ جي ڪوشش ٿا ڪريو ،صحافي جان محمد مهر جو قتل ان سلسلي جي ڪڙي آهي، ڇو توهان پنهنجي ئي ڌرتي ءِسان سچا ناهيو ان جي ترقي ءِجون راهون بندڪري ويٺا آهيو ،آهي ڪو اهي سوال پڇڻ وارو، ؟آهي ڪو جواب ڏيڻ وارو ته سنڌ ۾ قانون ۽ انصاف ڪٿي آهي قانون ڇو ڪمزور آهي ڏوهارين کي سزا ڏيڻ بدران بچايو ڇو ٿو وڃي معصوم نيائي فاطمه ڪيس ۾ ملوث حنا شاهه جو خبرن موجب ضمانت به منظور ٿي وئي جڏهن ته ٿيڻ نه کپي ها، ڪاش ته منهنجي سهڻي ڌرتيءَ جا اهي سڀ مسئلا حل ڪرائڻ وارو ڪو سچو انسان ليان اچي الله جي حڪم سان نازل ٿئي ته سنڌ ماضيءَ وارو سايو ئي عروج ماڻي ،جڏهن سنڌ دنيا ۾ ڪاروبار ۽ تعليم سبب مشهور هئي، دنيا مان ماڻهو ڪهي سنڌ ايندا هئا ۽ سنڌ تي سفر ناماءِ ڪتاب لکندا هئا هاڻي اهي سڀ شيون سنڌ لاءِ خواب بڻجي ويون آهن، هن حڪومت ۾ ته ڪٿي ڪجهه شيون وڌيڪ ٿيون آهن ،پر سنڌ سان شروع کان اهڙا رويا رکيا ويا آهن، هاڻي انهن روين کي بدلجڻو پوندو، هاڻي سنڌ جون سيٽون به سنڌ ۾ رهندڙن اصل ڌڻين کي ڏيڻ گهرجن ڪنهن افغاني يا باجوڙ وزيرستانين کي نه، اهو ئي سڀني جي حق ۾ بهتر ٿيندو ۽ اسانجي ماڻهن کي به ووٽ ڏيڻ مهل هاڻي هوش کان ڪم وٺڻ گهرجي ۽ سوچي سمجهي قدم وڌائڻ گهرجن.

بقايا 01

جو چوڻ آهي ته ان سلسلي ۾ پرڏيهه فرار ٿي ويل پي ٽي آءِ حامي صحافي معيد پيرزادي ٽوئيٽ ڪري ملڪ رياض جو نالو وٺڻ بنا عمران خان کي صلاح ڏني آهي ته 90 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جي نڪتي تي عمران خان کي پيپلز پارٽيءَ سان اتحاد ڪري نگران حڪومت تي دٻاءُ وجهڻ گهرجي. ظاهر آهي ته اهڙي ڪم لاءِ ملڪ رياض کان وڌيڪ ڪو به موثر ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي ڇو ته عمران خان ۽ آصف علي زرداريءَ جي وچهو ملڪ رياض ئي آهي ۽ اڳ به ملڪ رياض عمران خان جا پيغام آصف علي زرداريءَ کي پهچائيندو رهيو آهي.

بقايا 02

جنهن ۾ نگران وزيرن ۾ برگيڊيئر (ر) حارث نواز، يونس ڍاڳا، مبين جمالي، ڊاڪٽر سعد خالد، ڊاڪٽر جنيد شاهه، مسز رانا حسين، ايشور لال، ارشد ولي محمد، عمر سومرو، خدا بخش مري، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، ايڊووڪيٽ جنرل حسن اڪبر، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات ۾ نگران وڏي وزير چيو ته ڪابينا جو تعارفي اجلاس آهي جنهن جو مقصد گڊ گورننس، عوام جي خدمت ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي پنهنجو ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ سهڪار وارن ايجنڊن کي ترتيب ڏيڻ هو. نگران وڏي وزير جسٽس باقر چيو ته ٻوڏ ڪانپوءِ صوبي ۾ غربت گهٽي وڌي وئي آهي تنهنڪري غربت جي خاتمي لاءِ جوڳا قدم کڻڻ جي سخت ضرورت آهي. وڏي وزير چيو ته نگران حڪومت غير سياسي آهي ۽ اها سنڌسماجي_سياسي سڃاڻپ يا وابستگي ڪانسواءِ هر هڪ لاءِ آهي. هن چيو ته اسان ٻين تي الزام هڻڻ لاءِ نه آيا آهيون. پر عوام جي خدمت ڪندي گورننس کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي مدد ڪنداسين. جسٽس باقر جو چوڻ هو ته صوبي ۾ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي ڇوته هن ملڪ ۾ مختلف عقيدن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا پر رياست مخالف ٽولا مذهبي نفرتون پکيڙي امن کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ اسان کي گهرجي ته انکي روڪجي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن جو زور وڌي ويو آهي تنهنڪري ڪابينا ڌاڙيلن خلاف آپريشن شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. گهرو وزير کي هدايت ڪئي وئي ته هو پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان صلاح مشوري سان هڪ پلان تيار ڪري ته جيئن ڌاڙيلن خلاف ڪوآرڊينيٽڊ ڪلين اپ آپريشن شروع ڪيو وڃي. ڪابينا جي ميمبرن نشاندهي ڪئي ته شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن سبب ڪم جي وقت ۾ ٽريفڪ جام جا مسئلا وڌي ويندا آهن. ان ڪري ٽريفڪ پوليس کي هدايت ڪئي وئي ته هو ٽريفڪ جي وهڪري کي بهتر نموني سان منظم ڪن. اجلاس ۾ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويو ته هلندڙ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم جي رفتار کي تيز ڪيو وڃي ۽ پرڏيهي امداد سان هلندڙ منصوبن تي ڪم کي تيز ڪيو وڃي ته جيئن انهن کي وقت تي مڪمل ڪري سگهجي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ڏورانهن علائقن جا ماڻهو ڪراچي ۽ لاڳاپيل ضلعن ۾ سرڪاري آفيسن ۾ وڃي رهيا آهن جتي سندن مسئلا حل نه ٿي رهيا آهن. وڏي وزير سمورن وزيرن خاص طور تي روينيو، لوڪل گورنمينٽ، پوليس ۽ صحت کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل کاتن کي هدايتون ڏين ته هو پنهنجي آفيسن کي عوام لاءِ هر هنڌ فعال ڪن. ڪابينا ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته سنڌ گذريل ٻن سالن کان پوليو کان پاڪ آهي پر مختلف علائقن مان مثبت ماحولياتي نمونا مليا آهن. اجلاس ۾ وزير صحت تي زور ڀريو ويو ته صوبي کي پوليو کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن. وڏي وزير سمورن نگران وزيرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل کاتن جون پريزنٽيشنون تيار ڪن ته جيئن عوامي مفاد جا فيصلا ڪري سگهجن.

بقايا 03

سان گڏ پريس ڪانفرنس دوران چيو آهي ته صدر خلاف ڪابه قانوني ڪارروائي نٿي ڪري سگهجي، مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته حڪومت صدر جي آفيس وڃي رڪارڊ تحويل ۾ نٿي وٺي سگهي، اسان اهڙي حرڪت نه ڪنداسين، هن وڌيڪ چيو ته صدر آفيس ۾ اچي وڃي ته ان کي قانوني تحفظ حاصل هوندو آهي، صدر اعتراض هڻا ته بلز تي لڳائي واپس اماڻي ها، هو ماضي ۾ به ائين ڪندو رهيو آهي. صدر جي ٽوئيٽ سان ڪنهن به قسم جو طوفان نه آيو آهي، آئين جو آرٽيڪل 75 ان معاملي ۾ واضح آهي.

بقايا 04

چيئرمين جي اپيل تي ٻڌڻي سڀاڻي ٿيندي. چيف جسٽس آف پاڪستان جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين جي اپيلن تي 23 آگسٽ تي ٻڌڻي ڪندي، جسٽس مظاهر نقوي ۽ جسٽس جمال مندوخيل بينچ جو حصو هوندا. تحريڪ انصاف جي چيئرمين 3 آگسٽ تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي چئلينج ڪيو هو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ توشه خاني ڪيس جي ٻڌڻي جج همايون دلاور کي ملتوي ڪندي واپس موڪلي ڇڏيو

بقايا 05

چيو ته اقليتن جي جان ۽ مال تي جيڪڏهن ڪنهن شخص ظلم ڪيو ته ان تي ايڪشن وٺنداسين. ملڪ ۾ اهڙي ڪا جاءِ ناهي، جتي عيسائي برادري جو ڪنٽريبيوشن نه هجي. سندس موجب قرآن شريف ۾ الله پاڪ حضرت عيسيٰ ع جو شان بيان ڪيو آهي، بي بي مريم جو شان بيان ڪيو آهي، ان کي تسليم ڪندڙ ٻه طبقا پاڻ ۾ ڪيئن وڙهندا؟ قطعي نه. نگران وزيراعظم چيو ته انتهاپسندي جو ڪنهن مذهب، فرقي يا علائقي سان ڪو واسطو ناهي، اقليتن جي تحفظ جي ذميواري اسان سڀني تي آهي، ڪنهن به مذهب جي پيروڪارن جي تحفظ جو تحفظ يقيني بڻايو ويندو.

بقايا 06

جاءِ تي 22 هين گريڊ جي آفيسر حميرا احمد کي صدر جي سيڪريٽري مقرر ڪرڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي، ايوان صدر موجب، ڪالهه واري بيان کي نظر ۾ رکندي ايوان صدر سيڪريٽري جون خدمتون اسٽيبلشمينٽ ڊويزن کي واپس ڪيون ويون آهن.

بقايا 07

تحت پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي جي گرفتاري ڪالعدم قرار ڏيڻ وارو سنگل بئنچ جو فيصلو چئلينج ڪندي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ انٽرا ڪورٽ اپيل داخل ڪري ڇڏي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته سنگل بئنچ جو فيصلو طئي ٿيل قانوني اصولن جي ڀڃڪڙي آهي، فيصلو ٻڌائيندي جڊيشل مائنڊ اپلاءِ نه ڪيو ويو، سنگل بئنچ جي ان فيصلي سان انصاف جو مان مٿانهون نه پر خاتمو ٿيندو ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ اسلام آباد، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست ۾ استدعا ڪندي چيو ته حقيقتن کي نظر ۾ رکندي 16 آگسٽ وارو سنگل بئنچ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي.

بقايا 08

پهچڻ تي گارڊ آف آنر پيش ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ تعارفي اجلاس ٿيو جنهن ۾ ايڊيشنل آءِ جي عمران يعقوب منهاس، مظفر شيخ ۽ فرحت جوڻيجو شريڪ نه ٿيا. ان ڪانسواءِ ڪراچي پوليس چيف جاويد عالم اوڍو، منير شيخ ۽ قادر قيوم به اجلاس ۾ شامل نه ٿيا. نئون آءِ جي سنڌ 21 هين گريڊ جو ڄاڻايل سمورن آفيسرن کان جونيئر آهي. 21 گريڊ جي آفيسر رفعت مختيار جو تعلق پوليس سروس جي 24 هين ڪامن سان آهي سنڌ پوليس ۾ رڳو هڪ آفيسر خادم حسين رند بلوچ نئين آءِ جي رفعت مختار جي گروپ مان آهي جڏهن ته خادم حسين به رفعت مختار کان هڪ نمبر مٿي آهي 19 هين ڪامن جي اعليٰ ترين آفيسر عمران يعقوب منهاس ۽ مظفر شيخ ايڊيشنل آءِ جي آهن. ايڊيشنل آءِ جي فرحت جوڻيجو 21 هين ڪامن جڏهن ته ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو جو تعلق 22 هين ڪامن سان آهي، ايڊيشنل آءِ جي منير شيخ ۽ طارق قريشي 23 هين ڪامن سان واسطو رکن ٿا جڏهن ته ايڊيشنل آءِ جي قيوم قادر به رفعت مختار کان سينيئر پوليس آفيسر آهي.

بقايا 09

ايڪٽ تحت ملڪ جي پهرين اسپيشل عدالت قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ سائفر ڪيس ۾ گرفتار تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي پيش ڪيو ويو . آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي واڌو ذميواري دهشتگردي توڙ عدالت کي سونپي وئي آهي، جج ابوالحسنات آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت داخل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. قانون موجب آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت داخل ڪيسن جي ٻڌڻي اِن ڪيمرا ٿيندي، خاص عدالت جي جج ابو الحسنات اڻ لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ڪڍڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جو معاملو آهي، غير لاڳاپيل ماڻهو ٻاهر هليا وڃن عدالت جي ڪمري ۾ شاهه محمود قريشي جا وڪيل شعيب شاهين، انتظار پنجوٿا، گوهر علي ۽ علي بخاري موجود هئا جڏهن ته پي ٽي آءِ جي جونيئر وڪيلن کي به عدالت جي ڪمري مان ٻاهر ڪڍيو ويو ذريعن موجب، وڪيل شعيب شاهين سائفر معاملي تي ايف آءِ اي سان سهڪار جي خاطري ڪرائي ۽ هر هر جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪئي، ذريعن جو چوڻ آهي ته شاهه محمود قريشي جي وڪيل علي بخاري به پنهنجي دليلن ۾ تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين جي جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪئي، ذريعن موجب، وڪيل علي بخاري ۽ شعيب شاهين مختلف عدالتي فيصلن جو حوالو ڏنو جڏهن ته ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ پڙهي ٻڌايو ايف آءِ اي طرفان سائفر ڪيس ۾ تيرنهن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي هئي، پر عدالت شاهه محمود قريشي کي چئن ڏينهن لاءِ ايف آءِ اي حوالي ڪندي ڪيس 25 آگسٽ تي ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ياد رهي ته گذريل قومي اسيمبلي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل منظور ڪيا هئا ۽ ٽي ڏينهن اڳ ٻئي ايڪٽ تي صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي منظوري ڪانپوءِ قانون بڻجي ويا هئا پر گذريل ڏينهن هن وقت ملڪ ۾ اوچتو ٽرٽلو مچي ويو جڏهن صدر عارف علوي طرفان سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ويو ته هن آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل تي صحيحون ناهن ڪيون پ پ، ن ليگ ۽ ملڪ جي مختلف سياسي پارٽين ۽ اڳواڻن صدر جي اهڙي بيان تي ڪيس چٽي تنقيد جو نشانو بڻائيندي سندس ڪانس استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو آهي، جڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف صدر پاڪستان جي بيان ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 10

جو جيڪو طريقو اختيار ڪيو اهو آئيني آهي. ڇا اهو ئي طريقو آئين جي آرٽيڪل 75 جي ڀڃڪڙي ناهي؟ جيڪڏهن آئين آهي ته توهان غير آئيني ڪم ڪيو. جنهن سان رياست جي بدنامي ٿي، هن چيو ته آئيني عهدي تي ويهي غير آئيني ڪردار رياست ۽ صدارتي عهدي جي توهين آهي. توهان جو اهو غير آئيني عمل سائفر ڪيس ۾ وفاداري نڀائڻ جي ناڪام ڪوشش آهي. توهان پاڪستان ته اٽڪ جيل جي مهمان جا وفادار آهيو. توهان استعيفيٰ ڏئي پاڻ کي قانون حوالي ڪيو.

بقايا 11

طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته ڀارتي فوج ايل او سي جي نڪيال سيڪٽر تي بنا جواز فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 60 ورهين جو نوجوان غياث شهيد ٿي ويو آءِ ايس پي آر موجب ڀارتي فوج جي فائرنگ ۾ 3 عورتون جيڪي زمينن ۾ ڳاهه وڍي رهيون هيون زخمي پڻ ٿيون. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ڀارتي جارحيت موجوده سيزفائر معاهدي جي واضح خلاف ورزي آهي. پاڪستان پنهنجي سرحدن تي امن ۽ سڪون چاهي ٿو، شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا، پاڪستان جي عوام خلاف ڪنهن به مهم جوئي جو ڀرپور جواب ڏنو ويندو.

بقايا 12

صحافين سان ڳالهائيندي هنن چرڪائيندڙ ڳالهيون ڪيون. هنن شڪ ڏيکاريو ته اسد شاهه ڊارڪ ويب جو ميمبر آهي ۽ وڊيوز فحش ويب سائيٽس تي وڪرو ڪيون وڃن آهن هنن ان ڪانسواءِ اهو به چيو ته ممڪن آهي ته ٻين ٻارڙين سان به حويلي ۾ ائين ٿيندو رهيو هجي. ڊسو هي وڊيو جنهن ۾ وڪيل ڳالهائي رهيا آهن.

بقايا 13

جي قلمن تحت داخل ڪيس ۾ عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ٻڌڻي دوران علي وزير روسٽرم تي آيو ۽ موقف اختيار ڪيو ته جلسي ۾ ڪا غلط ڳالهه ناهي ٿي، اسان چيو ته اسان پنهنجا مطالبا اسلام آباد تائين پهچائڻ چاهيون ٿا، اڳوڻي ايم اين اي دهشتگردي توڙ عدالت جي جج کي غلطي سان اسپيڪر چئي ويٺو جنهن تي جج ابو الحسنات چيو ته ڪائي ڳالهه ناهي، مان به ٻڌي رهيو آهيان. اوهان اسپيڪر چئي سگهو ٿا، ملڪ آهي ته اسان آهيون. ڪيڏو پيار ملڪ آهي اسان جو ٻڌڻي دوران پراسيڪيوٽر راجا نويد عدالت کي ٻڌايو ته ايمان مزاري ۽ علي وزير جي ذريعي شريڪ جوابدارن تائين به پهچڻو آهي جنهن تي ايمان مزاري جي وڪيل چيو ته سوال اهو آهي ته هن مهل تائين ايمان مزاري خلاف ڪو ثبوت ڇو پيش ناهي ڪيو ويو؟ فوٽو گرامڪ ٽيسٽ يا وائس مئچنگ ٽيسٽ اڃا تائين ڇو ناهي ڪرائي وئي؟ . وڪيل چيو ته ايمان مزاري جي تقرير سوشل ميڊيا تي موجود آهي، ليپ ٽاپ، موبائيل به پوليس وٽ آهي، ايمان مزاري کي گرفتار ڪري ڇا ملندو؟ هن چيو ته هو ايمان مزاري کي دهشتگرد ثابت ڪرڻ چاهين ٿا، پوليس شايد وساري ويٺي آهي ته سندن گهر ۾ مائرون، ڀينرون آهن، ايمان مزاري جي قانوني ٽيم ساڻس ملاقات ڪرڻ لاءِ عدالت کان اجازت طلب ڪندي چيو ته ايمان مزاري ڪالهه بيهوش ٿي وئي، ٿاڻي ۾ ساڻس ملاقات نه ڪري سگهياسين تنهنڪري ملاقات جي اجازت ڏني وڃي، پراسيڪيوٽر راجا نويد طرفان ڏهه ڏهه ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي، جنهن تي دهشتگردي توڙ عدالت جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين ڌرين جا دليل ٻڌڻ ڪانپوءِ محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌايو ۽ ايمان مزاري ۽ علي وزير کي ٽن ٽن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو.

بقايا 14

دستور کان ٻاهر ماني ملڻ شروع ٿي وئي آهي، ڪيس صبح سوير بيرڪ مان ٻاهر وڃڻ جي اجازت پڻ ڏني وئي آهي، پي ٽي آءِ چيئرمين کي جيل ۾ روزانو ميوو پڻ ڏنو پيو وڃي، اڳوڻي وزيراعظم جي بيرڪ نمبر 1/2 کي تبديل ڪري اٽڪ جيل ۾ بيرڪ نمبر 3 الاٽ ڪيو ويو آهي، ذريعن جو چوڻ آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين اڃا تائين جيل ۾ شيو ڪري رهيو آهي، شيونگ ڪٽ فراهم ڪئي وئي پر هن استعمال نه ڪيو.

بقايا 15

ڏني وئي آهي، دستاويز موجب وفاقي حڪومت سڄي ملڪ ۾ بجلي جو برابر ٽيرف ختم ڪرڻ، بجلي جي ريٽ ۽ سبسڊي جي ذميواري صوبن کي منتقل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته حيدرآباد ۽ سکر اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني سنڌ جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڪوئيٽا اليڪٽرڪ ڪمپني بلوچستان جي ملڪيت ۾ ڏني ويندي، دستاويز موجب لاهور، گوجرانوالا، فيصل آباد ۽ ملتان اليڪٽرڪ سپلاءِ جي ملڪيت پنجاب کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اسلام آباد اليڪٽرڪ ڪمپني جي ملڪيت گڏيل طور پنجاب ۽ وفاق جي هوندي، دستاويز موجب پشاور ۽ ٽرائيبل ايريا اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني خيبر پختونخواهه جي ملڪيت ۾ ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، دستاويز ۾ چيو ويو آهي ته بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين کي صوبن حوالي ڪرڻ جو پاليسي فريم ورڪ تيار ڪيو ويو آهي، بجلي چوري ۽ عدم وصولين سبب قومي خزانو ٽاٽو بار کڻڻ لائق ناهي رهيو.

بقايا 16

ترين ۽ عليم خان جي قيادت ۾ آءِ پي پي ۾ شامل ٿي رهيو آهي. جيڪا آڊيو ليڪ ٿي، ان سان منهنجو ڪو واسطو ناهي، ان موقعي تي جهانگير ترين چيو ته نئين مردم شماري تحت حد بندين ڪانپوءِ چونڊون ٿيڻ گهرجن. مارچ ۾ سينيٽ چونڊون ٿيڻيون آهن. ان کان اڳ عام چونڊون ٿيڻ گهرجن.

بقايا 17

ٻين معاملن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي آهي. وڏي وزير وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي کي آگاهه ڪيو ته شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي جاچ ۾ اڳڀرائي ٿي رهي آهي گورنر ۽ وڏي وزير نگران وفاقي وزير کي قلمدان سنڀالڻ تي واڌايون به ڏنيون. نگران وزير مرتضيٰ سولنگي چيو ته نگران حڪومت شفاف چونڊون ڪرائڻ لاءِ اليڪشن ڪميشن ۽ صوبن سان ڀرپور سهڪار ڪندي، ڪنهن سان به ڪو متڀيدي سلوڪ نه ڪيو ويندو

بقايا 18

ڪري صدر جي استعيفيٰ مطالبو نه پر معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي. بل تي غير قانوني صحيح جو سوال پنهنجي جاءِ تي آهي هن چيو ته صدر به لکت ۾ ثبوت سامهون رکي ته جيئن باقي بل اعتراض سان واپس ڪيا، ائين ئي هي بل واپس ڪيا، جاچ ٿيڻ گهرجي ته پوءِ حقيقت سامهون اچي ويندي. پر هڪ ڳالهه حيران ڪندڙ آهي ته 88 ڪلاڪن کان اها خبر ميڊيا تي هلي رهي آهي ته پوءِ عارف علوي صاحب انهن ٻن ڏينهن ۾ ان ڳالهه جي وضاحت ڇو نه ڪئي؟ صدر کي به ان سوال جو جواب ڏيڻو آهي ته جيڪڏهن هن نه ته پوءِ سندس آفيس جي ڪهڙي ملازم صحيح ڪئي؟ سينيئر صحافي وجاهت الله خان ٽوئيٽ ڪندي چيو ته صدر جيڪو ڪيو اهو صرف هڪ ماهر ڊينٽسٽ ئي ڪري سگهي ٿو سينيئر صحافي ۽ اينڪر پرسن عاصمه شيرازي چيو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته معزز صدر کي ان بل جي منظوري يا تحريري مشاهدن سان پارليامينٽ ۾ واپس اچڻ جي طريقيڪار جي خبر ناهي. جيڪڏهن صدر دعويٰ ڪري ٿو ته هن ان کي واپس ڪيو آهي ته پوءِ لکت ڪٿي آهي؟ ان جي تحقيق ٿيڻ گهرجي. اينڪر پرسن غريده فاروقي لکيو ته هي هڪ انتهائي سنجيده بيان آهي جنهن جا خوفناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا پر ڪجهه سوالن جا جواب لازمي آهن. صدر جي آفيس سمورين هٿيار بند فوجن جي ڪمانڊر ان چيف جي آفيس آهي. ڇا صدر بلن تي صحيحون ڪيون يا نه؟

بقايا 19

ووٽ جو اعلان ڪيو گذريل ڏينهن سي بي سي پول ۾ ٽرمپ کي 62 جڏهن ته سندس مخالف ۽ فلوريڊا جي گورنر ڊي سينٽيس کي 16 ۽ ٻين اميدوارن کي 10 سيڪڙو حمايت حاصل رهي، ان ڪانپوءِ اڳوڻي آمريڪي صدر سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پيغام ۾ لکيو ته عوام پهريان ئي مون کي ڄاڻي ٿي ته مان ڪير آهيان ۽ مان ڪيتري ڪامياب صدارت ڪري چڪو آهيان. تنهنڪري مباحثي ۾ حصو نه وٺندس. ٻئي پاسي ٽرمپ جي هڪ ٻئي صلاحڪار جو چيو آهي ته اڳوڻي صدر مستقبل ۾ ايندڙ مباحثي ۾ حصو وٺي سگهي ٿو

بقايا 20

دوران لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازمن جي گهر ڀاتين کي خاص پيڪيج ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو، اجلاس ۾ ملازمت دوران لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازمن جي وارثن کي 10 ڏينهن ۾ امدادي رقم ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.

بقايا 21

ڌيءَ سان وڏو ظلم ٿيو آهي، جوابدار کي سرعام ڦاهي ڏني وڃي، هن چيو ته ڪجهه به ٿي وڃي جوابدار سان ڪو ٺاهه نه ٿيندو، مان ان قاتل پير کي ڪڏهن به نه بخشينديس، ان قاتل کي ڦاهي تي پهچائي ساهه پٽينديس سندس چوڻ هو ته هاڻ مون کي ڪو خوف نه پيو ٿئي، ڀلي مري وڃان ڪا پرواهه ناهي. ڌمڪيون مليون ته به پوئتي نه هٽنديس.

بقايا 22

انسٽيٽيوٽ ۾ سفارتي مهارتن جي سکيا واري اسڪول جو سربراهه رهيو ۽ آمريڪا جي جرمن مارشل فنڊ ۾ هڪ سال تائين سينيئر ميمبر جي حيثيت سان خدمتون نڀايون، سن 2012ع کان 2015ع تائين، ڪانريڊ ٽريبل ڪيوبا جي راڄڌاني هوانا ۾ آمريڪي مشن جي نائب سربراهه جي حيثيت ۾ آمريڪا ڪيوبا وچ ۾ سفارتي لاڳاپا بحال ڪرڻ سميت هوانا ۾ آمريڪي سفارتخانو ٻيهر کولرائڻ لاءِ به اهم ڪردار ادا ڪيو، ان کان پهرين هن سينٽياگو، پورٽوپرنس ۽ بغداد ۾ سفارتي ذميواريون نڀايون، ان ڪانسواءِ جرمني ۾ 2 دور به گذاريا. هڪ ڀيري بون ۾ جرمن پرڏيهي کاتي ۾ مٽاسٽا جي سفارتڪار طور لاڳاپيل رهيا ۽ ٻئي ڀيري 3 سال سانده ميونخ ۾ قونصل جنرل طور گذاريائون ڪانريڊ ٽريبل واشنگٽن ڊي سي ۾ ڪيترن ئي اعليٰ عهدن تي پڻ پنهنجون خدمتون انجام ڏئي چڪو آهي.

بقايا 23

مان سياحن جي سفر کي محفوظ بڻائڻ لاءِ واهي پانڌي کان 18 فوٽ ويڪرو 35 ڪلوميٽر روڊ 1000 ملين رپين جي لاڳت سان ٺهڻ تعمير ڪيو ويو هن جي چيو ته 16 فرنشڊ ڊوپليڪس فيملي ريزورٽس جن ۾ 2 ڪمرا لائونج، ٽيرس ۽ ويو پوائنٽس شامل آهن. 8 ڪمرن سان گڏ سياحتي هاسٽل، هڪ تمام وڏو ايونٽ ايريا، ريسٽورنٽ، ٽڪ شاپ، پي ڊي ريسٽ هائوس، فائير گلاس ريسٽ هائوس، مسجد شامل آهن. اندروني رستن کي ڳنڍيندڙ مختلف نظارا، ڪرڪيٽ گرائونڊ، جهولن ۽ پرس وغيره سان ٻارن جي راند جو ميدان وغيره، سيني جهوپڙين، ريزورٽس ۽ ريسٽورنٽ لاءِ سولر پاور سسٽم، سولر لائٽ پولز، باربي ڪيو اسپاٽ، موبائيل ٽوائلٽس، ڊاڪٽر جي بنگلي سان ڊسپينسري ۽ رهائشي ڪوارٽر، ملازمن لاءِ پڻ ٺاهيا ويا آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته 5000_6000 فوٽن کان مٿي پاڻي پهچائڻ لاءِ پمپنگ اسٽيشنن سان گڏ 8 رزروائر ٽينڪ پڻ ٺاهيا ويا آهن. ان کان علاوه سياحن جي مختلف ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ غسل خانو ۽ ٻيون سهولتون جهڙوڪ شيڊ، پيور بلاڪ، آر سي سي روڊ ۽ ٽريڪ تعمير ڪيا ويا آهن. ان کان علاوه 35 ڪلوميٽر پوائنٽ تي هڪ ڪينٽين پڻ ٺاهي وئي آهي، سردار رفيق احمد جمالي وڌيڪ چيو ته سرڪٽ هائوس، باربي ڪيو پوائنٽ، چڙيا گهر ۽ ڪجهه فيملي رزورٽس تي ڪم جاري آهي. هن چيو ته هن چيو ته خوفناڪ خول لڪ کان پاسو ڪندي ڊير جي اڌاوت ۽ باقي روڊ جي به تجويز ڏني وئي آهي ۽ ان جو PC One P&D بورڊ کان منظوري جو انتظار ڪري رهيو آهي هن گورک هل اسٽيشن کي سڄي پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي ماڻهن لاءِ هڪ اعليٰ سياحتي مقام ۽ منزل بڻائڻ جي عزم کي ورجايو.

بقايا 24

ايسوسيئيشن موجب 3 هزار 100 رپيا واڌ ڪانپوءِ ملڪ ۾ في تولي سون جي قيمت ٻه لک 29 هزار 900 رپيا ٿي وئي آهي، اهڙي ريت 10 گرام سون ٻه هزار 658 رپيا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ لک 97 هزار 102 رپين جو ٿي ويو آهي. جڏهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ سون جو قدر ٻه ڊالر وڌڻ سان 1891 ڊالر في ائونس آهي.

بقايا 25

ڪانپوءِ ياد آيو ته الله کي ڳواهه بڻائيو ۽ معافي گهرڻي آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو ته بد ديانتي جي به ڪا حد هوندي آهي، سوشل ميڊيا کي گند ڪنهن بڻايو ۽ هڪ سڄي نسل کي تباهه ڪيو؟ هن چيو ٽي وي اسٽيشن ۽ پارليامينٽ تي حملو ڪنهن ڪيو؟ ان جي به معافي گهري وڃي، پي ٽي آءِ جي حڪومتي دور ۾ مخالف ڌر خلاف قانون جو غلط استعمال ٿيو ان جي به معافي گهري وڃي، هن چيو ته 9 مئي تي جڏهن رياست خلاف بغاوت ٿي ته صدر پاڪستان جي ڪهڙي ذميواري هئي، توهان ڪڏهن سوچيو آهي، خواجا آصف وڌيڪ چيو ته اڄ جڏهن آئين موجب قانون ٺاهيو پيو وڃي ته توهان جو جعلي ضمير جاڳي پيو آهي، اوهان عوامي شعور کي گهٽ نه سمجهو

بقايا 26

جي ڪا قانوني حيثيت ناهي. هو ٽوئيٽ ڏسي حيران ٿي ويا، مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته صدر جو ڪيس اڌ طوطي ۽ اڌ ڪوئل جو آهي.

بقايا 27

دوران وقفي وقفي سان برسات جو سلسلو جاري رهڻ جو امڪان آهي. 22 آگسٽ تي عربي سمنڊ کان چوماسي هوائون ملڪ جي مٿين علائقن ۾ داخل ٿينديون. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته اسلام آباد، آزاد ڪشمير، گلگت بلتستان، گليات ۾ ڪنڊ ۽ گجگوڙ سان برسات جو امڪان آهي، 24 کان 26 آگسٽ تائين ڊي آءِ خان، بنون، ميانوالي، سرگوڌا، خوشاب، ڀکر ۾ ڪنون سان گڏ مينهن وسي سگهي ٿو تيز برسات سبب راولپنڊي، اسلام آباد، پشاور، گوجرانوالا ۽ لاهور جا هيٺيان علائقا پاڻي هيٺ اچڻ جو خدشو آهي. موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته مري، گليات، خيبر پختونخواهه، ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جي جابلو علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو خدشو آهي.

بقايا 28

ڏني. ڊاڪٽر فخر عالم عرفان ان کان اڳ وفاقي سيڪريٽري هائوسنگ اينڊ ورڪس ڊويزن جي طور تي ڪم ڪري رهيا هئا. ڊاڪٽر محمد فخر عالم عرفان سنڌ جو 59هون چيف سيڪريٽري بڻجي ويو

بقايا 29

ميڊيا تي هڪ نوٽيس گردش ڪري رهيو هو جنهن ۾ گئس جا وقت مقرر ڪرڻ بابت ٻڌايو ويو هو. نوٽيس ۾ چيو ويو هو ته هاڻ رڳو ٽي وقت گئس فراهم ڪئي ويندي، جعلي نوٽيس ۾ چيو ويو هو ته صبح 6 کان 9 وڳي تائين منجهند 12 کان ٻي وڳي تائين ۽ شام 6 کان رات 9 وڳي تائين واهپيدارن کي گئس ملندي، سوئي سدرن گئس جي ترجمان وضاحت ڪندي چيو آهي ته شهر ۾ رات 11 وڳي کان صبح 7 وڳي تائين گئس بند ڪئي ويندي آهي.

بقايا 30

ٽي ڪراچي ۾ پريڪٽس ميچ کيڏندي. 25 آگسٽ تي ٽريننگ سيشن جڏهن ته 26 آگسٽ تي ٽي پريڪٽس ميچ کيڏندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته نيپال ڪرڪيٽ ٽيم پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ کي ايونٽ شيڊيول کان اڳ پاڪستان اچڻ جي درخواست ڪئي هئي. نيپال جي ٽيم کي پراڻي شيڊيول موجب 27 آگسٽ تي ملتان پهچڻو هو ياد رهي ته ايشيا ڪپ 30 آگسٽ کان شروع ٿي رهيو آهي. پاڪستان ۽ سريلنڪا ۾ شيڊيول ميگا ايونٽ ۾ پهريون مقابلو پاڪستان ۽ نيپال جي ٽيمن وچ ۾ ملتان ۾ ٿيندو جڏهن ته پاڪستان ۽ ڀارت جون ٽيمون ٻه سيپٽمبر تي ماڻ ۾ مهاڏو اٽڪائينديون.

بقايا 31

ڪانپوءِ انٽر بئنڪ ۾ هيل تائين ڊالر 8 رپيا 64 پئسا مهانگو ٿي چڪو آهي، هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر ٻه رپيا واڌ سان 304 رپين جو ٿي ويو آهي.

بقايا 32

جنهن ۾ نگران وزيرن ۾ برگيڊيئر (ر) حارث نواز، يونس ڍاڳا، مبين جمالي، ڊاڪٽر سعد خالد، ڊاڪٽر جنيد شاهه، مسز رانا حسين، ايشور لال، ارشد ولي محمد، عمر سومرو، خدا بخش مري، چيف سيڪريٽري ڊاڪٽر فخر عالم، ايڊووڪيٽ جنرل حسن اڪبر، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. اجلاس جي شروعات ۾ نگران وڏي وزير چيو ته ڪابينا جو تعارفي اجلاس آهي جنهن جو مقصد گڊ گورننس، عوام جي خدمت ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي پنهنجو ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ سهڪار وارن ايجنڊن کي ترتيب ڏيڻ هو. نگران وڏي وزير جسٽس باقر چيو ته ٻوڏ ڪانپوءِ صوبي ۾ غربت گهٽي وڌي وئي آهي تنهنڪري غربت جي خاتمي لاءِ جوڳا قدم کڻڻ جي سخت ضرورت آهي. وڏي وزير چيو ته نگران حڪومت غير سياسي آهي ۽ اها سنڌسماجي_سياسي سڃاڻپ يا وابستگي ڪانسواءِ هر هڪ لاءِ آهي. هن چيو ته اسان ٻين تي الزام هڻڻ لاءِ نه آيا آهيون. پر عوام جي خدمت ڪندي گورننس کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان جي مدد ڪنداسين. جسٽس باقر جو چوڻ هو ته صوبي ۾ بين المذاهب هم آهنگي کي هٿي وٺرائڻ جي ضرورت آهي ڇوته هن ملڪ ۾ مختلف عقيدن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا پر رياست مخالف ٽولا مذهبي نفرتون پکيڙي امن کي خراب ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ اسان کي گهرجي ته انکي روڪجي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ڪچي واري علائقي ۾ ڌاڙيلن جو زور وڌي ويو آهي تنهنڪري ڪابينا ڌاڙيلن خلاف آپريشن شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. گهرو وزير کي هدايت ڪئي وئي ته هو پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن سان صلاح مشوري سان هڪ پلان تيار ڪري ته جيئن ڌاڙيلن خلاف ڪوآرڊينيٽڊ ڪلين اپ آپريشن شروع ڪيو وڃي. ڪابينا جي ميمبرن نشاندهي ڪئي ته شهر ۾ جاري ترقياتي ڪمن سبب ڪم جي وقت ۾ ٽريفڪ جام جا مسئلا وڌي ويندا آهن. ان ڪري ٽريفڪ پوليس کي هدايت ڪئي وئي ته هو ٽريفڪ جي وهڪري کي بهتر نموني سان منظم ڪن. اجلاس ۾ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪانپوءِ فيصلو ڪيو ويو ته هلندڙ ترقياتي اسڪيمن تي ڪم جي رفتار کي تيز ڪيو وڃي ۽ پرڏيهي امداد سان هلندڙ منصوبن تي ڪم کي تيز ڪيو وڃي ته جيئن انهن کي وقت تي مڪمل ڪري سگهجي. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ڏورانهن علائقن جا ماڻهو ڪراچي ۽ لاڳاپيل ضلعن ۾ سرڪاري آفيسن ۾ وڃي رهيا آهن جتي سندن مسئلا حل نه ٿي رهيا آهن. وڏي وزير سمورن وزيرن خاص طور تي روينيو، لوڪل گورنمينٽ، پوليس ۽ صحت کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل کاتن کي هدايتون ڏين ته هو پنهنجي آفيسن کي عوام لاءِ هر هنڌ فعال ڪن. ڪابينا ان ڳالهه تي اطمينان جو اظهار ڪيو ته سنڌ گذريل ٻن سالن کان پوليو کان پاڪ آهي پر مختلف علائقن مان مثبت ماحولياتي نمونا مليا آهن. اجلاس ۾ وزير صحت تي زور ڀريو ويو ته صوبي کي پوليو کان پاڪ ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن. وڏي وزير سمورن نگران وزيرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي لاڳاپيل کاتن جون پريزنٽيشنون تيار ڪن ته جيئن عوامي مفاد جا فيصلا ڪري سگهجن.

بقايا 33

ايڪٽ تحت ملڪ جي پهرين اسپيشل عدالت قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ سائفر ڪيس ۾ گرفتار تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي پيش ڪيو ويو . آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي واڌو ذميواري دهشتگردي توڙ عدالت کي سونپي وئي آهي، جج ابوالحسنات آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت داخل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. قانون موجب آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ تحت داخل ڪيسن جي ٻڌڻي اِن ڪيمرا ٿيندي، خاص عدالت جي جج ابو الحسنات اڻ لاڳاپيل ماڻهن کي عدالت جي ڪمري مان ڪڍڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جو معاملو آهي، غير لاڳاپيل ماڻهو ٻاهر هليا وڃن عدالت جي ڪمري ۾ شاهه محمود قريشي جا وڪيل شعيب شاهين، انتظار پنجوٿا، گوهر علي ۽ علي بخاري موجود هئا جڏهن ته پي ٽي آءِ جي جونيئر وڪيلن کي به عدالت جي ڪمري مان ٻاهر ڪڍيو ويو ذريعن موجب، وڪيل شعيب شاهين سائفر معاملي تي ايف آءِ اي سان سهڪار جي خاطري ڪرائي ۽ هر هر جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪئي، ذريعن جو چوڻ آهي ته شاهه محمود قريشي جي وڪيل علي بخاري به پنهنجي دليلن ۾ تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين جي جسماني ريمانڊ جي مخالفت ڪئي، ذريعن موجب، وڪيل علي بخاري ۽ شعيب شاهين مختلف عدالتي فيصلن جو حوالو ڏنو جڏهن ته ايف آءِ اي پراسيڪيوٽر آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ پڙهي ٻڌايو ايف آءِ اي طرفان سائفر ڪيس ۾ تيرنهن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي هئي، پر عدالت شاهه محمود قريشي کي چئن ڏينهن لاءِ ايف آءِ اي حوالي ڪندي ڪيس 25 آگسٽ تي ٻيهر پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ياد رهي ته گذريل قومي اسيمبلي آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل منظور ڪيا هئا ۽ ٽي ڏينهن اڳ ٻئي ايڪٽ تي صدر ڊاڪٽر عارف علوي جي منظوري ڪانپوءِ قانون بڻجي ويا هئا پر گذريل ڏينهن هن وقت ملڪ ۾ اوچتو ٽرٽلو مچي ويو جڏهن صدر عارف علوي طرفان سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل پيغام ۾ چيو ويو ته هن آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۽ آرمي ايڪٽ ترميمي بل تي صحيحون ناهن ڪيون پ پ، ن ليگ ۽ ملڪ جي مختلف سياسي پارٽين ۽ اڳواڻن صدر جي اهڙي بيان تي ڪيس چٽي تنقيد جو نشانو بڻائيندي سندس ڪانس استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو آهي، جڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف صدر پاڪستان جي بيان ڪانپوءِ سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 34

ڪري صدر جي استعيفيٰ مطالبو نه پر معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي. بل تي غير قانوني صحيح جو سوال پنهنجي جاءِ تي آهي هن چيو ته صدر به لکت ۾ ثبوت سامهون رکي ته جيئن باقي بل اعتراض سان واپس ڪيا، ائين ئي هي بل واپس ڪيا، جاچ ٿيڻ گهرجي ته پوءِ حقيقت سامهون اچي ويندي. پر هڪ ڳالهه حيران ڪندڙ آهي ته 88 ڪلاڪن کان اها خبر ميڊيا تي هلي رهي آهي ته پوءِ عارف علوي صاحب انهن ٻن ڏينهن ۾ ان ڳالهه جي وضاحت ڇو نه ڪئي؟ صدر کي به ان سوال جو جواب ڏيڻو آهي ته جيڪڏهن هن نه ته پوءِ سندس آفيس جي ڪهڙي ملازم صحيح ڪئي؟ سينيئر صحافي وجاهت الله خان ٽوئيٽ ڪندي چيو ته صدر جيڪو ڪيو اهو صرف هڪ ماهر ڊينٽسٽ ئي ڪري سگهي ٿو سينيئر صحافي ۽ اينڪر پرسن عاصمه شيرازي چيو ته اهو ڪيئن ممڪن آهي ته معزز صدر کي ان بل جي منظوري يا تحريري مشاهدن سان پارليامينٽ ۾ واپس اچڻ جي طريقيڪار جي خبر ناهي. جيڪڏهن صدر دعويٰ ڪري ٿو ته هن ان کي واپس ڪيو آهي ته پوءِ لکت ڪٿي آهي؟ ان جي تحقيق ٿيڻ گهرجي. اينڪر پرسن غريده فاروقي لکيو ته هي هڪ انتهائي سنجيده بيان آهي جنهن جا خوفناڪ نتيجا نڪري سگهن ٿا پر ڪجهه سوالن جا جواب لازمي آهن. صدر جي آفيس سمورين هٿيار بند فوجن جي ڪمانڊر ان چيف جي آفيس آهي. ڇا صدر بلن تي صحيحون ڪيون يا نه؟

بقايا 35

دوران لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازمن جي گهر ڀاتين کي خاص پيڪيج ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو، اجلاس ۾ ملازمت دوران لاڏاڻو ڪري ويندڙ ملازمن جي وارثن کي 10 ڏينهن ۾ امدادي رقم ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 01

سجاول ضلعي جي شهر ٻنون جي گورنمينٽ هائي اسڪول ۾ درسي ڪتابن جي شديد کوٽ خلاف ڳسٽا پاران احتجاج ڪيو ويو هائي اسڪول ٻنون جي هيڊ ماسٽر اعظم پليجي استادن منظور ڪٽي، ابراهيم سومرو، محمد يوسف سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين شاگردن ۽ شاگردياڻين طرفان تدريسي عمل جو مڪمل بائيڪاٽ ڪري اسڪول ۾ ڪتابن جي شديد کوٽ خلاف سخت احتجاج ڪري نعريبازي ڪئي. ان موقعي تي استادن ۽ شاگردن ڳالهائيندي چيو ته اسڪول ۾ ڪتابن جي کوٽ سميت ٻيون ڪافي بنيادي ضرورتن جي شديد کوٽ آهي، هنن چيو ته ڪتاب نه هئڻ ڪري اسان جي تعليم تباهه ٿي رهي آهي، هنن سنڌ جي نگران وڏي وزير، تعليم کاتي سنڌ جي نگران وزير ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ٻنون هاءِ اسڪول جي شاگردن کي جلد درسي ڪتابن سميت ٻيون سهولتون ڏنيون وڃن.

بقايا سنڌيار 02

پيش ڪندي چيو ته فياض حسين عباسي هڪ انسان ۽ وطن دوست اڳواڻ آهي جنهن سيني عزت ۽ محبتون اربيون آهن هن وڌيڪ چيو فياض بهترين شخصيت ۽ ڪردار جي سبب سيني وٽ مقبول آهي هن جهڙي انسان دوستي جو مثال گهٽ ملي ٿو ۽ هڙيون شخصيتون ناپيد آهن هن جي سماجي خدمتن تي جس پيش ڪريون ٿا.

بقايا سنڌيار 03

ٻڌايو وڃي ٿو ته عورت پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي آهي. فوتي عورت جي ڏير شفيق ابڙو جو چوڻ هو ته اسان پاڻ کان ٿررو ۾ رهندا آهيون. پاڻ فون ڪري ٻڌايو ته تهنجي ڀاڄائي رشيده پاڻ مٿان بندوق جو فائر ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي آهي جنهن بعد اسان پهتاسين ۽ لاش کڻائي اسپتال آيا آهيون. ڀاڄائي ۽ کي تڪليف هوندي هئي جنهن ڪري پريشان به رهندي هئي خبر ناهي ته اهڙو انتهائي قدم هن جو کنيو آهي. پوليس موجب واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون ته واقعو خودڪشي آهي يا قتل وڌيڪ پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد خبر پئجي ويندي.

بقايا سنڌيار 04

عبدالقادر ابڙو، رياض احمد ميرائي، عبدالمجيد شر محمد بخش گهنجو شيرباز شر محمد سومار شر علي حسن مزاري، مومن مزاري، وريام خان چاچڙ، شهزادو چاچڙ، عبدالرشيد دشتي، ٻارو خان مزاري ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو ته ڪنيڙا ٿاڻي جي حد ۾ بدامني جي باهه ڀڙڪي اٿي آهي، شهري غير محفوظ بڻيل آهن صحافي جي پاڻ کان ڦر جي واردات بعد ڪنيڙا پوليس ڪک پجي ويٺي ناهي ڪيو هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت سنڌ ۾ صحافين ۽ انهن جي خاندان کي نشانو بڻايو پيو وڃي، صحافين ايس ايس پي گهوٽڪي کان ان ڦر جي واقعي جو نوٽيس وٺي ڦرتيل رقم واپس ڪرائڻ ۽ ملوث جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 05

هو مون کي حراسان ڪري رهيو آهي مان خدابخش پٽو عرف دادن خان جي مجي ٽلاءِ ۾ زهر ناهي اڇلايو مون تي ڪوڙا الزام آهن. اصلي مسئلو مسعود خان پٽو سان آهي جنهن مون کي 25 جريب زرعي زمين ٺيڪي تي 875000 تي ڏني هئي جيڪو ٺيڪو اڳوڻي ايم پي اي محمدعلي خان پٽو ڪينسل ڪرايو هو ۽ فيصلو ڪيو هو ته اوهان کي ٺيڪي جا پئسا واپس ملندا جيڪي اڄ ڏينهن تائين ٺيڪي جا پئسا به نه مليا آهن جنهن بعد مان ڪورٽ سگهوري ۾ وڃي مسعود خان پٽو تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي پر پوليس اڃان تائين جوابدار گرفتار نه ٿي ڪري ويتر مون کي ڪوڙا الزام هڻي حراسان ڪيو پيو وڃي مون کي خالد احمد لغاري کان خطرو آهي آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي لاڙڪاڻو کي اپيل ٿو ڪيان ته مون کي زمين جي ٺيڪي جا پئسا واپس ڪرايا وڃن ۽ مون کي حراسان ڪرڻ جو نوٽيس وٺي مون سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا سنڌيار 06

علق مانجهند جي سڏ تي تعلقه اسپتال ۾ ڊاڪٽر دوائن ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف سوين ڪارڪن شاهي بازار مان ريلي ڪڍي ٻه روزه علامتي بک هڙتال جي اعلان جي ٻئي ڏينهن مين چوڪ تي علامتي بک هڙتال ڪري انتظاميا خلاف ڇتي نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ جسقم ايس ٽي پي ن ليگ جسر ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي محمد عمر ابڙو علي نواز ڪنبر انور مگنهار يوسف عمراڻي جي يو آءِ ضلع اڳواڻ مولوي سڌير احمد رند ن ليگ جي لياقت ملاح جسقم اڳواڻ اڪرم ڪوسا ايس ٽي پي اڳواڻ گلزار ملاح ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تعلقه اسپتال مانجهند ۾ ڊاڪٽرن دوائن اسٽاف جي شديد کوٽ آهي سائي، مليريا ۽ ٽي بي جي بيمارين جي ٽيسٽن جي سهولت ميسر ناهي، الٽرا سائونڊ ۽ ايڪسري مشينون اڻ لپ آهن ميٽرنٽي هوم ٽراما سينٽر اکين جو وارڊ غيرفعال آهي مبينا ڪرپشن سبب پيئڻ جي پاڻي صفائي سميت ڪا به بنيادي سهولت ميسر ناهي اسپتال ۾ بيڊ پراڻا ۽ بدبودار ٿي ويا آهن هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سمورين سهولتون ميسر ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 07

اسان ويڙهه ڪنداسين ۽ اهو عمل ايستائين جاري رهندو جو ڪو به ماڻهون اهڙو عمل ورجائڻ جي همت نه ڪري سگهي.

بقايا سنڌيار 08

ويو ان موقعي تي سنڌ جي بهادر نياڻي امر رباب چانڊيو کي علي حيدر عباسي نعمان وسطڙو سينئر صحافي راڻا عبدالستار پاران ڪيس سنڌ جي ثقافت اجرڪ جو تحفو اڏيو ويو ان موقعي تي بهادر نياڻي امر رباب چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي ماڻهن ۾ شعور اجاگر ٿي چڪو آهي، جو هو سنڌ جي پوٽارن، وڏيرن، پيرن ۽ ميرن خلاف آواز بلند ڪري رهيا آهن، مونکي يقين آهي ته اسان جي هي ڪيل جدوجهد هڪ وقت ضرور رنگ لائيندي، جنهن جو زنده مثال نوجوان پاران اڄ هي منهنجو استقبال ڪري هنن پوٽارن ميرن پيرن کي پيغام ڏنو آهي ته هينئر سنڌ جو پڙهيل لکيل نوجوان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ اٿي کڙو ٿيو آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ اندر سنڌ جي معصوم نياڻين فاطمه ڦرڙو ۽ پياري ڪماري سميت ٻين نياڻين سان ٿيل ظلم ۽ ڏاڍ خلاف آواز اٿاري سنڌن مٿان ظلم ڪندڙن پيرن ميرن کي جيلن جي سلاخن جي پويان بيهاري ڇڏيو آهي، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ اندر لاقانونيت عروج تي آهي جتي قلم جو پورهيو ڪندڙن حق سچ جو آواز بلند ڪندڙن صحافين ۽ قلم ڌڻين کي بيدردي سان سرعام دهشتگردي جو نشانو بڻائي قتل ڪري سنڌن آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هن وڌيڪ چيو ته صحافي جان محمد مهر، اصغر کنڊ ۽ معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جي قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪين سخت کان سخت سزا ڏني وڃي، جڏهن ته سنڌ جي بهادر نياڻي استقبالي نوجوانن سان خطاب ڪرڻ بعد تعزيت لاءِ معصوم نياڻي فاطمه ڦرڙو جي ڳوٺ خانواهڻ روانو ٿي وئي، هوڏانهن خانواهڻ پرسان ڳوٺ علي محمد ڦرڙو جي رهواسي 10 ورهين جي نينگري فاطمه ڌيءِ نذير ڦرڙو جنهن کي ڇ ڏينهن اڳ راڻيپور شهر ۾ سيد اسد شاهه جي حويلي تي تشدد ڪري قتل ۽ زيادتي جو نشانو بڻايو ويو هيو ان جي تڏي تي سنڌس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي ان موقعي تي امر رباب چانڊيو تعزيت لاءِ سنڌس وارثن وٽ پهچي وئي تعزيت ڪرڻ کان پوءِ ان ڳالهائيندي چيو ته شهيد فاطمه ڦرڙو کي بيدردي سان قتل ڪيو ويو آهي سنڌس سمورن قاتلن کي گرفتار ڪري ڦاهي چاڙهيو وڃي اسد شاهه جي گهر واري حنا شاهه کي به گرفتار ڪري تفتيش ڪئي وڃي هن وڌيڪ چيو ته بااثر قاتلن کي ڍر ڏني وئي ته سخت احتجاج ڪيو ويندو ان واقعي جو نگران وزيراعليٰ کي نوٽيس وٺڻ گهرجي ۽ اي ٽي سي جا قلم شامل ڪيا وڃن ۽ ان ڪيس جي جوڊيشنل انڪوائري ڪرائي نياڻي فاطمه ڦرڙو کي انصاف ڏياريو وڃي، هن فاطمه جي وارثن کي يقين ڏياريندي چيو ته مان توهان سان هر موڙ تي گڏ آهيان ۽ هر ممڪن مدد ڪرڻ لاءِ توهان سان گڏ آهيان

بقايا سنڌيار 09

نشانو بڻايو جنهن سبب سنڌس هٿ ٽنگون ڪم ڪرڻ ڇڏي ويون جنهن سبب متاثر عورت گهمڻ ڦرڻ کان لاچار بڻجي وئي ۽ مسلسل تشدد جي ڪري حمل به ضايع ٿيڻ سبب پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار به مري ويو جوابدار مڙس عاصم پاران عورت جو ملتان جي اسپتال ۾ علاج ڪرائڻ کان به انڪار جنهن بعد ڪراچي مان پيءُ محمد يوسف پنهنجي نياڻي سميرا کي ملتان جي ڪوٽ رينواز مان ڪراچي وٺي آيو. جتي متاثر عورت سميران ولد محمد يوسف ملڪ صحافين کي ٻڌايو ته سنڌس شادي کي ٻارنهن سال ٿي ويا جنهن مان ٽن سالن جو ٻارڙو فيضان مڙس وٽ آهي عاصم ملڪ سخت تشدد جو نشانو بڻايو ايتري قدر جو منهنجو حمل ضايع ٿيڻ سبب پيٽ ۾ پلجندڙ ٻار به مري ويو پر هن ڪنهن به اسپتال ۾ داخل نه ڪرايو جنهن سبب والدين ڪراچي کڻائي آيا جتي بابا علاج ڪرائي رهيو آهي مڙس تشدد ڪري هٿ ٽنگون ڀڃي ڇڏيون جنهن سبب هلڻ گهمڻ کان لاچار آهيان هن مطالبو ڪيو ته مڙس جي تشدد جو نوٽيس وٺي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 10

